روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 02 اپريل 2023ع بمطابق 11 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 رپيا) شمارو 309

باجوه ڀارت سان دوستي چاهي ٿي، 90 ڏينهن ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون ته اسان روڊن تي هونداسين: عمران خان

منهنجي غير موجودگي ۾ منهنجي گهر تي حملي جو ڪوبه جواز نه هو. گهر تي حملي بابت ڪيس تيار ڪري ورتو آهي

نگران حڪومت ڪي نيوٽرل ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي جيڪو هو ادا نه پيا ڪن. محسن نقوي، آءِ جي پنجاب ۽ سي سي پي او لاهور ڏوهاري ماڻهو آهن

عارف علوي هاڻ اسٽيبلشمينٽ ۽ اسان جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪردار ادا نه پيو ڪري

شاهه محمود قريشي ۽ پرويز الاهي کي ٻين پارٽين سان رابطا بحال ڪرڻ جون ذميواريون ڏنيون ويون آهن

90 ڏينهن ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون ته ملڪ ۾ آئين نالي ڪا به شيءِ نه رهندي، هي ڪهڙي قانون تحت پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جون اسيمبليون بحال ڪندا

ميڊيا تي اسان جو مڪمل بليڪ آئوٽ ڪيو ويو آهي، سوشل ميڊيا ٽيم ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي: لاهور ۾ صحافين سان ملاقات

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوه تي نئون الزام لڳائيندي چيو آهي ته جنرل باجوه ڀارت سان دوستي چاهي ٿي جنهن جي لاءِ منهنجي مٿان دٻاءُ پڻ وڌو ويو لاهور ۾ صحافين سان ملاقات ۾ عمران خان چيو ته منهنجي غير موجودگي ۾ منهنجي گهر تي حملي جو ڪوبه جواز نه هو گهر تي حملي بابت ڪيس تيار ڪري ورتو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

بشريٰ بي بي توشه خانه بابت نيب نوٽيس کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد(م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي نيب نوٽيس کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي توشه خانه ڪيس ۾ جاچ لاءِ نيب طلبي جي نوٽيس کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو آهي، جنهن ۾ نيب کي به ڌر بڻايو ويو آهي. بشريٰ بي بي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پي ڊي ايم جو سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بئنچ جي بائيڪاٽ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اتحادي پارٽين جي اڳواڻن جو اهم اجلاس لاهور ۾ ٿيو جنهن ۾ نون ليگ قائد نواز شريف به وڊيو لنڪ ذريعي شريڪ ٿيو

آصف زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پي ڊي ايم جو سربراهه مولانا فضل الرحمان، چوڌري سالڪ حسين، مريم نواز ۽ ايم ڪيو ايم جي خالد مقبول صديقي پڻ شريڪ ٿيا

اجلاس ۾ وزيراعظم جي مدد لاءِ شاهد خاقان عباسي، قانون وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، عطا الله تارڙ، ملڪ احمد خان ۽ اٽارني جنرل سميت ٻيا اڳواڻ شامل هئا

ڊي ايم ۽ اتحادي جماعتن جي سربراهن جي اڪثريت فل ڪورٽ نه جوڙڻ جي صورت ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ جي بائيڪاٽ جو مشورو ڏنو: پارٽي ذريعا

اجلاس ۾ شريڪ اڳواڻن چيو ته سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ مان اسان کي انصاف جا ڪائي اميد نه آهي، ساڳي بئنچ ويجهي ماضي ۾ اسان جي حڪومت خلاف ڪيئي فيصلا ڏئي چڪي آهي

فل ڪورٽ جوڙڻ مُلڪ جي سمورين پارٽين جي گڏيل ۽ متفق مطالبو آهي جنهن کي تسليم نه ڪرڻ انصاف جي گهرجن جي ابتڙ آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم ۽ اتحادي جماعتن پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ واري معاملي تي سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ جو بائيڪاٽ ڪندي چيو آهي ته فل ڪورٽ جو مطالبو تسليم نه ڪرڻ انصاف جي گهرجن جي ابتڙ آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اتحادي پارٽين جي اڳواڻن جو اهم اجلاس لاهور ۾ ٿيو جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: پي ڊي ايم ۽ اتحادي جماعتن جي اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف ڳالهائي رهيو آهي

افتخار چوڌري ۽ ثاقب نثار جهڙا چيف جسٽس رهيا جن عدالتي ساک کي نقصان پهچايو: سعيد غني

چيف جسٽس چيو ته هڪ جج کي بئنچ ۾ انڪري ويهاريو ويو ته هو پيغام ڏيڻ چاهي پيو

افتخار چوڌري ۽ ثاقب نثار جهڙا چيف جسٽس رهيا جن عدالتي ساک کي نقصان پهچايو

حيرت ٿئي ته 9 ججن واري بئنچ ٽن ججن تي اچي پهتي آهي، ان سان عدليا ۽ عدالتي فيصلو وڌيڪ تڪراري هوندو

ڪراچي جي 11 يونين ڪائونسلن تي ميئر جي چونڊ ڪانپوءِ نئين چونڊ ٿيڻ گهرجي: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته سياسي پارٽين ۽ وڪلين جو مطالبو آهي ته فل ڪورٽ جوڙي وڃي. فل ڪورٽ جوڙڻ جو مطالبو جائز آهي، عمران خان ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ادارن کي هڪٻئي جي ڪم ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي، جيڪو جج ڪيس کان الڳ ٿي ويو تنهن کي ٻيهر بئنچ ۾ شامل ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

عمران، صدر علوي ذريعي آصف زرداري کان مدد گهري ورتي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان هر طرف کان انڪار بعد مايوسيءَ جي انتها کي پهچي ويو آهي ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداريءَ کان مدد طلب ڪري ورتي آهي. ان سلسلي ۾ صدر عارف علوي جا عمران خان سان صلاح مشورا ڪيا ويا آهن. جنهن ڪانپوءِ صدر عارف علوي کي عمران خان چيو آهي ته فوري طور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪيچ ۾ پاڪ ايران سرحد تي دهشتگردن جو حملو، 4 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد

اهلڪار معمول جي گشت تي هئا ته دهشتگردن ضلع ڪيچ ۾ پاڪ ايران بارڊر تي جلگئي سيڪٽر ۾ حملو ڪيو

شهيد جوانن ۾ نائيڪ شير احمد، لانس نائيڪ محمد اصغر، سپاهي محمد عرفان ۽ سپاهي عبدالرشيد شامل

دهشتگردن خلاف ڪارروائي لاءِ ايراني اختيارين سان رابطو ڪيو پيو وڃي: آءِ ايس پي آر

ڪوئٽه (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي ڪيچ ۾ پاڪ ايران بارڊر تي دهشتگردن جي حملي ۾ 4 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز جا اهلڪار معمول جي گشت تي هئا ته دهشتگردن ضلع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

فيڪٽري مالڪن پاران زڪوات ورهائڻ دوران پيش آيل افسوسناڪ واقعي تي ڏک پهتو: شرجيل ميمڻ

زڪوات ڏيڻ خير جو ڪم آهي پر امداد کي منظم ۽ نظم وضبط سان ورهائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن

واقعي جي فوتين جي وارثن لاءِ 5.5 لک ۽ زخمين لاءِ هڪ هڪ لک رپيا امداد جو اعلان ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار جي سماءُ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي جي سائيٽ ايريا ۾ فيڪٽري مالڪن پاران زڪوات ورهائڻ دوران پيش آيل افسوسناڪ واقعي تي ڪن تمام گهڻو ڏک پهتو آهي، خانگي ڪمپني زڪوات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: سنڌ سماءُ وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اعليٰ عدليا جا انصافي جج ۽ ملٽري اسٽيبلشمينٽ آمهون سامهون

چيف جسٽس کي اڪيلائي جي ڏک روئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو

هاڻي ٽن هم خيال ججن جي بئنچ جو فيصلو ڪير قبول ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جو اڪثر جج ساٿ ڇڏي ويا ۽ چيف جسٽس کي اڪيلائي جي ڏک روئڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي ۾ ڪورونا ڪيس وڌڻ لڳا، وڌيڪ 26 ڄڻن ۾ وائرس جي سڃاڻپ

24 ڪلاڪن دوران ڪورونا وائرس جا 113 ٽيسٽ ڪيا ويا، جن مان 26 ڄڻن جي رپورٽ هاڪاري آئي

شهر جي مختلف اسپتالن ۾ ڪورونا جا 18 مريض علاج هيٺ آهن جڏهن ته گهرن ۾ 824 ڄڻا قرنطينه ۾ آهن: رپورٽ

اسپتالن ۽ رش وارين جڳهين تي وڃڻ کان اڳ ماسڪ جو ضرور استعمال ڪيو وڃي: صحت کاتو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ ڪورونا ڪيس هڪ دفعو ٻيهر وڌڻ لڳا. گذريل هڪ ڏينهن دوران 29 ڄڻن ۾ وائرس جي سڃاڻپ ٿي، 4 مريضن جي حالت گنڀير ٿي ويئي. سنڌ جي صحت کاتي موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شاهه محمود قريشي ۽ فواد چوڌري جي عبوري ضمانت ۾ واڌ

لاهور جي ايڊيشنل سيشن جج پريس ڪانفرنس ۾ جڙ ڏيارينڊڙ ڳالهيون ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ جي ڪيس ۾ عبوري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

پوليس رپورٽ موجب اوهان جاچ ۾ شامل نه پيا ٿيو (فضل جج) اسان کي جاچ جي ڪا به خبر نه آهي جاچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان: قريشي

جاچ آفيسر اسان کي نه پيا ملن، قلم ضمانت جوڳا آهن، اسان ٿاڻي به ويا آهيون: فواد چوڌري

لاهور (م ڊ) سيشن ڪورٽ تحريڪ انصاف جي اڳواڻن فواد چوڌري ۽ شاهه محمود قريشي جي عبوري ضمانت ۾ واڌ ڪري ڇڏي. لاهور جي ايڊيشنل سيشن جج پريس ڪانفرنس ۾ جڙ ڏيارينڊڙ ڳالهيون ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ جي ڪيس ۾ عبوري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. فواد چوڌري ۽ شاهه محمود قريشي عدالت ۾ پيش ٿيا. فاضل جج چيو ته پوليس رپورٽ موجب اوهان جاچ ۾ شامل نه پيا ٿيو. شاهه محمود قريشي چيو ته اسان کي جاچ جي ڪا به خبر نه آهي، جاچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. فواد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عدالتن کان پڳل لنڊن ۾ ويهي عدليه تي حملا ڪري رهيو آهي: شيخ رشيد

عوام بک سبب راشن وٺڻ دوران پنهنجون حياتيون وڃائي رهيا آهن

اميد آهي ته هن هفتي دوران عدليه وچ آئيني ۽ قانوني تاريخي فيصلو سامهون اچي ويندو

جيڪو به سپريم ڪورٽ خلاف جنگ جو اعلان ڪندو انهن خلاف سموري قوم روڊن تي هوندي

عوامي مسلم ليگ سربراهه ۽ شيخ رشيد احمد

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته لنڊن ۾ ويٺل هڪ مفرور ۽ عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پشاور هاءِ ڪورٽ جي پهرين عورت چيف جسٽس حلف کڻي ورتو

جسٽس مسرت هلالي کي پشاور هاءِ ڪورٽ جي پهرين عورت چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو

صدر عارف علوي جسٽس مسرت هلالي جي چيف جسٽس طور مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ جي پهرين عورت چيف جسٽس، جسٽس مسرت هلالي پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو. جسٽس مسرت هلالي کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڊاڪٽر بيربل گيناڻي جي قتل ڪيس ۾ ڊرامائي رُخ

پوليس هٿيارٻندن جي حملي ۾ زخمي ٿيل ڊاڪٽر قرت العين جي پاءُ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

ڊاڪٽر بيربل جي پاءُ قرت العين ۽ سندس پاءُ جي قتل ۾ ملوث هئڻ جو شڪ ظاهر

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ ڊاڪٽر بيربل گيناڻي جي قتل ڪيس ڊرامائي رخ اختيار ڪري ورتو آهي، پوليس هٿيارٻندن جي حملي ۾ زخمي ٿيل ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي ۾ هٿيارٻندن هٿان قتل ٿي ويل ڊاڪٽر بيربل گيناڻي جي حياتي جون تصويرون

عدليه فل ڪورٽ ذريعي آئيني بحران کان نڪرڻ جو رستو ڳولي: خورشيد شاهه

تجربي سان ٻڌايان پيو ته وقت گهٽ آهي، حل نه ڪيو ويو ته ڪجهه به ٿي سگهي ٿو

آئيني ۽ سياسي معاملا بند گهٽي ۾ هليا وڃن ته گهڙي جي ٽڪ ٽڪ شروع ٿي ويندي

سپريم ڪورٽ فل ڪورٽ ذريعي رستو نه ڪڍيو ته پوءِ پيو ڪوبه رستو نٿو نڪري

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته اسان بند گهٽي ۾ پهچي چڪا آهيون. جيڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13


پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير خورشيد شاهه

پ پ اقتدار خاطر سنڌ جا ٻيٽ کپائي ڇڏيا: عوامي جمهوري پارٽي

سليڪشمينٽ جيڪي ڪم پي ٽي آءِ کان مڪمل ڪرائي نه سگهي، ٺيڪو پ پ ۽ ن ليگ کنيو آهي

پ پ جي مجرمانه خاموشي تي اسان کي ڪيترائي خدشا آهن

ڪراچي (م ڊ) عوامي جمهوري پارٽي چيو آهي ته سنڌ جا ٻيٽ وفاق حوالي ڪرڻ ۽ غيرملڪين لاءِ ڪي پاڪستاني شهرين جهڙا حق ڏيڻ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

بلوچستان جي ڏوراهين علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا، گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 3 ٻارڙا ڏيجي فوت

چمن، قلعه عبدالله ۽ پشين ضلعن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 3.6 رڪارڊ ڪئي وئي

چمن جي علائقي بلالزئي ۾ زلزلي سبب گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ڏيجي 3 ٻار فوت ٿي ويا

فوت ٿي ويلن ۾ هڪ ڀاءُ ۽ 2 ڀينرون شامل، ملبي هيٺيان ڏيجي عورت سميت 5 ٻار به زخمي ٿي پيا

چمن (م ڊ) چمن، قلعه عبدالله ۽ پشين ضلعن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 3.6 رڪارڊ ڪئي وئي، چمن جي علائقي بلالزئي ۾ زلزلي سبب گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ڏيجي 3 ٻار فوت ٿي ويا آهن جن جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

چمن: زلزلي سبب ڪري پيل گهر آڏو گهرڀاتي ويٺل آهن

موسميات کاتي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي، موسميات کاتي رجب ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم خشڪ رهندو، خيبرپختونخواهه، مٿانهين پنجاب، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ برسات جو امڪان آهي، اسلام آباد ۾ تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان تيز برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، بلوچستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نيازي ۽ فواد کي گهبرائڻ جي ضرورت ناهي: طلال چوڌري

گوليون، لٺيون ۽ پٿر اڇلائڻ وارا پاڻ کي بزدل چئي رهيا آهن

عمران نيازي کي بهادر بڻجي، تارن جي ڪيس ۾ جواب ڏيڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ طلال چوڌري چيو آهي ته عمران نيازي ۽ فواد چوڌري توهان کي گهبرائڻ جي ضرورت ناهي پنهنجي هڪ بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻن ڀائرن جي بازيابي جي لاءِ ڪيس جي ٻڌڻي

جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي

گم ٿيل ڀائرن جو 10 سال ۾ ڪجهه خبر نه پئي آهي: جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ٻه ڀائرن جي بازيابي جي لاءِ ڪيس جي ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته گم ٿيل ڀائرن جو 10 سال ۾ ڪجهه خبر نه پئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: خاتون اول بيگم ثمينه علوي سيمينار کي خطاب ڪري رهي آهي

گهرو ۽ خزاني جون وزارتون نٿا هلائي سگهو ته ٻين کي ڏيو: مندوخيل

راڻا ثنا کي چيو ويو ته ٽورو سخت ٿيو، هڪ ماڻهو هٿ نه پيو اچي

جيڪڏهن مريم نواز چوي ته اها سندس حڪومت ناهي ته عوام کي بيوقوف نٿو بڻائي سگهجي

ڪراچي (م ڊ) پ پ اڳواڻ عبدالقادر مندوخيل چيو آهي ته گهرو وزارت ڪم نٿي ڪري ته ٻي پارٽي کي ڏيو. راڻا عمران خان جي معاملي کي غلط استعمال ڪيو هڪ ٽي وي چينل کي انٽرويو ڏيندي پ پ اڳواڻ چيو ته راڻا ثنا کي چيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: ناشي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان اڳوڻو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني ۽ سيد خورشيد شاهه ملاقات ڪندي

پشاور: مفت اٽي جي ورهاست دوران پوليس ۽ شهرين ۾ چڪريون

پشاور جي علائقي حيات آباد ۾ اٽو حاصل ڪرڻ لاءِ شهري ۽ پوليس آمهون سامهون ٿي ويا

اسپورٽس ڪمليڪس ۾ داخل تي پوليس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ماڻهن جو وڏو ميڙ مچرجي پيو

شهرين کي روڪڻ لاءِ پوليس طرفان لاٺي چارج ڪيو ويو ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جو پڻ استعمال ڪيو ويو

پشاور (م ڊ) پشاور ۾ اٽي جي مفت ورهاست دوران بدنظمي، شهرين ۽ پوليس وچ ۾ چڪرين جا اطلاع سامهون اچي ويا. رپورٽ موجب پشاور ۾ اٽي جي مفت ورهاست دوران بدنظمي ٿي پئي. پشاور جي علائقي حيات آباد ۾ اٽو حاصل ڪرڻ لاءِ شهري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پشاور: پشاور: مفت اٽي جي ورهاست دوران پوليس ۽ شهرين ۾ ٿيل چڪرين بعد پاسي هڪ همراهه اٽي جا ٿيلا رکي ويٺل آهي

ڪراچي ۾ ٽرانس ڊي آف ويزيبلٽي ملهايو ويو، سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي چيئرمين اقبال ڊيٿو جي شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) ٽرانسجينڊر ويزيبلٽي سب رنگ سوسائٽي ۽ هيومن رائٽس ڪميشن آف سنڌ جي سهڪار سان مقامي هوٽل ۾ ٽرانس ڊي آف ويزيبلٽي ملهايو ويو جنهن ۾ سنڌ ڪميشن آن اسٽيٽس آف وومن جي چيئرپرسن نزهت شيرين، عورت فائونڊيشن جي مهناز رحمان، سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي چيئرمين اقبال ڊيٿو سميت سول سوسائٽي، سرڪاري آفيسر، ميڊيا ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ ڏهاڙو ملهائڻ ڏوهه بڻجي ويو، مادر علمي کي فورسز جو گهيرو، 20 شاگرد گرفتار

جساف جا ڪارڪن جيئن ئي تقريب منعقد ڪرڻ لاءِ سي سي لان تي پهتا ته پوليس ۽ رينجرز مٿن لاٺي چارج ڪئي

علي رضا بروهي ۽ جبار بوزدار سميت 20 کان وڌيڪ شاگردن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو

حيدرآباد/ڄامشورو (رپورٽرز) سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌ ڏهاڙو ملهائڻ تان شاگردن تي پوليس ۽ رينجرز ڪڙڪي پئي، 20 کان وڌيڪ شاگردن کي گرفتار ڪري پوليس ۽ رينجرز يونيورسٽي کي گهيرو ڪري ڇڏيو رپورٽ موجب سنڌ يونيورسٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جي گرفتاري کي ڪراچي بار ايسوسيئيشن غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو

لاڳو ڪندڙ ادارن جي اعليٰ آفيسرن کان واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو

تعليمي ادارن اندر اهڙي قسم جون ڪارروايون قانون جي خلاف آهن: وقار عالم عباسي

سيمينار دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن شاگردن کي تشدد نشانو بڻائي ڪين گرفتاريون به ڪيون هيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي اندر سيمينار دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارروائي ۽ شاگردن جي گرفتاري ۽ تشدد کي ڪراچي بار ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ڪارڪن محمد سلمان خان جي بازيابي جي لاءِ درخواست داخل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ تحريڪ انصاف جي سوشل ميڊيا جي هڪ گم ٿيل ڪارڪن محمد سلمان خان جي بازيابي جي لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذار پاران راشد رئوف درخواست ۾ گهرو کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: نيشنل هاءِ وي ويجهو وين ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر، چار ڄڻا فوت

نيشنل هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ايس وين مخالف روٽ سان ايندڙ ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي

واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو رڪر موقعي تي پهچي ويا ۽ فوتين ۽ زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ نيشنل هاءِ ويجهو وين ۽ ٽرالر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ چار ڄڻا حياتي وڃائي ويٺا. نيشنل هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

جسٽس فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس واپس وٺڻ جي درخواست سپريم ڪورٽ ۾ داخل

حڪومت جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف داخل اپيل واپس وٺڻ چاهي ٿي: درخواست جو متن

انصاف جي گهرج کي نظر ۾ رکندي ڪيس واپس وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ڪيوريٽو ريويو ريفرنس واپس وٺڻ جي درخواست سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪري ڇڏي آهي. سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته حڪومت جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

راشن جي ورهاست دوران 11 ڄڻن جي لتاڙجي فوت ٿيڻ جو فيڪٽري مالڪ سميت 8 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

پوليس طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ فيڪٽري مالڪ عبدالخالق ۽ 7 ملازم به نامزد ڪيا ويا

فيڪٽري انتظاميا راشن ورهائڻ دوران اين او سي نه ورتو هو، پوليس يا انتظاميا کي به انتظامن آگاهه نه ڪيو ويو: ايف آءِ آر جو متن

پوليس فيڪٽري مئنيجر سوڌو گرفتار ڪيل 8 ڄڻن کي جسماني رماند لاءِ عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ راشن جي ورهاست دوران 11 ڄڻن جي لتاڙجي فوت ٿيڻ جو فيڪٽري مالڪ سميت 8 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

وڏي وزير پاران ڪراچي فيڪٽري متاثرن لاءِ معاوضي جو اعلان

ڪراچي (م ڊ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي جي علائقي سائيٽ ايريا ۾ فيڪٽري ۾ ڀاڃ دوران فوت ٿيندڙ متاثرن لاءِ معاوضي جو اعلان ڪيو آهي. وڏي وزير فوتين جي ورثن لاءِ پنج لک رپيا جڏهن ته زخمين کي هڪ هڪ لک رپيا ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مفتي عبدالقيوم جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪار گرفتار

مفتي عبدالقيوم جي قتل جو حڪم پوليس انٽيليجنس آفيسر محمد عتيق ڏنو هو

جوابدار پوليس آفيسر عتيق جي تصوير ۽ شناختي دستاويز حاصل ڪيا ويا آهن: اختياريون

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ پوليس مفتي عبدالقيوم جي قتل ۾ ملوث هڪ اهلڪار کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

11 فوتگين جو بلاول پٽو زرداري، مراد علي شاهه تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي: رياض چانڊيو

ايترو پيسي ڇڏيو آهي جو هاڻي مفت ۾ اٽي تقسيم ڪرڻ تي سنڌ جو عوام فوت ٿي رهيو آهي

نااهل صوبائي حڪومت ۽ اتحادي وفاقي حڪومت جي ڪارنامن جو عدالتي نوٽيس ورتو وڃي

حڪمرانن کي صرف اقتدار جي حوس جي لالچ آهي جيڪي غريب مري وڃي ٿو يا ٻڏي وڃي ٿو

ٽنڊو محمد خان (ب مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي چيئرمين رياض چانڊيو چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪراچي جي فيڪٽري تي اٽي تقسيم ڪرڻ تي 11 فوتگين جو بلاول پٽو زرداري، سيد مراد علي شاهه تي ايف آءِ آر داخل ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

خيرپور ضلعي ۾ خوراڪ کاتي
پاران 54 خريداري مرڪز
ٽارگيٽ مقرر ڪري ڇڏيو

خيرپور(رپورٽ) خيرپور ضلعي ۾ خوراڪ کاتي پاران 54 خريداري مرڪز 15 لک ڪٽڪ جون ٻورين ٽارگيٽ مقرر ڪري ڇڏيو بندش باوجود ڪٽڪ ٻاهر وڃڻ لڳي ٽارگيٽ پورو ڪرڻ مشڪل رپورٽ موجب خوراڪ کاتي پاران خيرپور ضلعي جي 8 ئي تعلقن خيرپور، ڪنگري سوڀو ديرو، گمبٽ، ڪوٽڏيجي فيض گنج ٺري ميرواهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان: جسمر چيئرمين رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

يوسي ڪوررواهه جي پنجن وڏن ڳوٺن جا آر او پلانٽ گذريل ٽن سالن کان بند پيل

شهر سميت ڳوٺ گل مير شاهه ملان حسن بجاري شريف خاناڻي جت ۾ آزار بڻيل

پگهارات مهينن کان نٿو ملي جنهن ڪري ملازم فاڪاڪشي ۾ مبتلا آهن :ملازم اڳواڻ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) يوسي ڪوررواهه جي پنجن وڏن ڳوٺن جا آر او پلانٽ گذريل ٽن سالن کان بند پيل آر او پلانٽ بند هئڻ ڪري ڪوررواهه شهر سميت ڳوٺ گل مير شاهه ملان حسن بجاري شريف خاناڻي جت ۽ ڳوٺ حاجي ڏاتو پنهور جا ڳوٺاڻا زهريلو پاڻي واپرائڻ ڪري ڪاري سائي ڊاپريا ۽ ڳوڙن جي بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ڳوٺاڻن وزير اعليٰ سنڌ مراد علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ريسيرچ اينڊ ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران اسٽيوٽا جي سهڪار سان ٻي پهچ شاگردن جون داخلائون

بدين ضلعي جي گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ ۽ گورنمينٽ مونو ٽيڪنڪ ادارن ۾ داخل ڪرائي وئي آهي

ماحولياتي تبديلي، قدرتي آفتن ۽ تعليم جي ميدان ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، مسئلا حل ڪنداسين: اڳواڻ

اقتصادي صلاحيتن کي سگهارو ڪرڻ" جي عنوان هيٺ هڪ مهارتن ۾ واڌ جي رٿا هلائي رهيو آهي: ڳالهيون

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ فائونڊيشن . سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي (STEVTA) جرمن تنظيم ويلٿ هنگر هلفي ۽ بي ايم زيڊ جي تعاون سان ٺٽي،سجاول ۽ بدين ضلعي جي گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ ۽ گورنمينٽ مونو ٽيڪنڪ ادارن ۾ غريب ۽ ٻي پهچ شاگردن کي داخل ڪرائي ادارن جون رونقون بحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

آزاد چونڊون ئي ملڪ جي سمورن مسئلن جو واحد حل آهن
انشاءَالله تحريڪ انصاف جمهوريت جي بقا لاءِ آخري حد
تائين وڙهندي رهندي: صفيه بلوچ

سکر (رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري ۽ سماجي شخصيت ميڊم صفيه بلوچ چيو آهي ته آزاد چونڊون ئي ملڪ جي سمورن مسئلن جو واحد حل آهن. عدليا ۽ آئين جي آزادي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ انشاءَالله تحريڪ انصاف جمهوريت جي بقا لاءِ آخري حد تائين وڙهندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺٽو: اسٽيوٽا جي سهڪار سان هلندڙ ڪمپيوٽر ڪلاس جو ڏيک

گلستان جوهر ٿاڻي جي حد ۾ هٿيار بندن گوليون هڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ جي ڀاءُ کي قتل ڪري ڇڏيو

هٿيار بند فائرنگ ڪري پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالحفيظ چانڊيو جي ڀاءُ سجاد علي چانڊيو کي قتل ڪري فرار

پوليس واقعي واري هنڌ پهتي مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو، ڪهرام

ٽارگيٽ ڪلنگ جا واقعا ٻيهر تيزي سان وڌي ويا آهن هر روز بيگناهه ماڻهن جو رت وهايو پيو وڃي: محمد علي ميرجت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلستان جوهر ٿاڻي جي حد ماڊل وليج بلاڪ 11 ۾ هٿيار بندن فائرنگ ڪري پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالحفيظ چانڊيو جي ڀاءُ سجاد علي چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار وارث مقتول جو لاش قمبر پرسان ڳوٺ ڊرگ سومرخان چانڊيو ڪٺائي ويا واقعي جو آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو خبر موجب ڪراچي گلستان جوهر ٿاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪتابن جي ورقن ۾ ڍڪيل شاعري کي نئين زندگي ملي ٿي ملي وڃي: انور پرديسي

مشاعري جي وڏي اهميت رهي آهي، تخليقڪار جذبا لفظن جي صورت ۾ عوام اڳيان پيش ڪري ٿو

تقريب ۾ عاجز غلام رسول ابڙو غزل، ياسر بوذ دارواڻي، تنها سخاوت شيخ غزل، عبد نوناري نظم پيش ڪيو

اعجاز ملڪ وحيد جامڙو، سيد پياس علي شاهه مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ شاعرن کي اجرڪن ۽ ٽوپين جا تحفا ڏنا

راڻيپور (رپورٽر) سنڌ ۾ مشاعري جي وڏي اهميت رهي آهي مشاعري ۾ تخليقڪار جذهن ڪاغذ تي اوتيل جذبا لفظن جي صورت ۾ عوام اڳيا پيش ڪري ٿو ڪتابن جي ورقن ۾ ڍڪيل شاعري کي نئين زندگي ملي ٿي ملي وڃي، پروفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

احمدپور لڳ ڳوٺ وسطڙا جي
رهواسي پورهيت جو پوليس
جي زيادتين خلاف احتجاج

احمدپور (رپورٽر) احمدپور لڳ ڳوٺ وسطڙا جي رهواسي پورهيت جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، 3 سال اڳ منهنجي 10 سالن جي پاڻتي سان ڏاڍائي ڪندڙ جوابدار جي وارثن کان جاچ آفيسر ۽ اڳوڻي ايس ايڇ او احمدپور وڏي رشوت وٺي نياڻي جو ڪيس لوڙهڻ چاهين ٿا، اڪرام علي وسطڙو جون دانهون. رپورٽ موجب احمدپور/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

راڻيپور: مشاعري ۾ شريڪ شاعر پنهنجا ويچار ونڊي رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي جي طرفان سورمين کي اعزاز طور ميڊل ايوارڊ

انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ سول سوسائٽي جي اڳواڻن کي پيٽا طور ميڊل جا ايوارڊ تقسيم ڪيا ويا

سنڌي ادب ۾ تاريخ جو عظيم خزانو آهي جنهن دنيا جي ترقي يافته ملڪن کي به اچرج ۾ آڻي ڇڏيو: زيب نظاماڻي

قربانين کي به نظرانداز ڪري نٿو سگهجي شاهه لطيف سرن ۾ سورمين کي ميڊل طور سرن ۾ تاريخ جو ورق بڻايو آهي

ٽنڊو محمد خان (ب مظفر علي بروهي) علم و ادب اڪيڊمي جي طرفان سنڌ جي سورمين کي اعزاز طور ميڊل ايوارڊ . انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ سول سوسائٽي جي باڪردار اڳواڻن کي پيٽا طور ميڊل جا ايوارڊ تقسيم ڪيا ويا . علم و ادب اڪيڊمي طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ ايوارڊ جي تقريب کي مخاطب ٿيندي سنڌ جي سورمي . سنڌي ادب جي شاعره ليکڪ زيب نظاماڻي مخاطب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي جي وزير بروهي ڳوٺ ۾ صفائي سترائي جو نظام درهم برهم، عبادتگاهون پاڻي هيٺ

ڳوٺ ۾ موجود قديمي امام بارگاهه آڏو بيٺل گٽرن جو پاڻي نيڪال ٿي نه سگهيو آهي: رهواسي

مشينري نند ستل سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ سنڌي آبادين کي ترقياتي ڪمن کان محروم رکيو ويو آهي

هنڌان هنڌان روڊ ٽٽڻ سبب امام بارگاهه ڏانهن ايندڙ نمازين کي سخت مشڪلات سان منهن ڏيڻو ٿو پوي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) وزير بروهي ڳوٺ ۾ صفائي سترائي جو نظام درهم برهم عبادت گاهون آڏو گٽر اٿلي پيا عبادت گار پريشان چونڊيل نمائندا توڙي سرڪاري مشينري نند ستل سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ سنڌي آبادين کي ترقياتي ڪمن کان محروم رکيو ويو علائقي واسين جو احتجاج وزير ڳوٺ ۾ موجود قديمي امام بارگاهه آڏو بيٺل گٽرن جو پاڻي نيڪال ٿي نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ميرواهه گورچاڻي جي صحافي
سڏائيندڙن 3 ڄڻن خلاف شهري
جي فرياد تي ڪيس داخل

ميرواهه گورچاڻي(رپورٽر) ميرواهه گورچاڻي جي ٽي صحافي سڏائيندڙن خلاف شهري جي فرياد تي ڀتاخوري ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف جي درخواست تي ڪيس داخل، ملزمان فرار. ميرواهه گورچاڻي جي شهري راڻا عامر ولد محمد نصير راجپوت پاران ميرپورخاص جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي وئي هئي جنهن ۾ جاڻايو ويو هو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: شهري گندگي جي آزار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاران مستحق ماڻهن پاران رشوت جي بازار گرم

پروگرام جا عملدار پئسا ڏيندڙ ماڻهن کان به هزار روپين جي عيوض سروي ڪري رهيا آهن:ذريعا

سوين جي تعداد ۾ عورتون روزي سان ڏينهن آفيس ۾ ويهي ويهي روزانو خالي واپس هلڻيون وڃن ٿيون

راشي انچارج سميت ڪرپٽ عملي کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪري غريبن کي انصاف ڏياريو وڃي

نوشهرو فيروز(ڊ. ر) نوشهرو فيروز بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاران هلندڙ مستحق ماڻهن جي سروي واري ڪم ۾ آفيس عملي پاران رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي، پيسا ڏيندڙ ماڻهن کان به هزار روپين جي عيوض سروي ڪري رهيا آهن روزانو هزاري ريپا رشوت وٺي رهيا آهن. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آفيس اڳيان نصرالله چانڊيو ۽ ٻين ماڻهن احتجاج ڪندي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دهشتگردي تورڙ عدالت پاران بارودي مواد رکڻ جو ڏوهه ثابت نه ٿيڻ جوابدار آزاد

عدالت سياسي ورڪر زاهد مشتاق مغل کي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي باعزت بري ڪري ڇڏيو

واسي زاهد مشتاق مغل کي 6 مهينا اڳ سادن ڪپڙن ۾ ملبوس سيڪيورٽي اهلڪار گرفتار ڪيو

حيدرآباد(بيورو رپورٽ) دهشتگردي تورڙ عدالت بارودي مواد رکڻ جو ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي هڪ جٽي کي باعزت بري ڪري ڇڏيو خبر موجب حيدرآباد جي دهشتگردي تورڙ عدالت سياسي ورڪر زاهد مشتاق مغل کي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي باعزت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مڪلي جي رهواسي ملاح برادري جي معزز شخصيت پاران افطار پارٽي منعقد

ڊاڪٽر سڪندر ملاح پاران ملاح هائوس مڪلي تي افطار پارٽي منعقد ڪئي ويئي

ابراهيم بروهي، ڊاڪٽر سعيد حسن، ڊاڪٽر شبير اعوان، محمد ايوب ملاح ۽ ٻيا شريڪ

ٺٽو(بي) مڪلي جي رهواسي ملاح برادري جي معزز ڊاڪٽر سڪندر ملاح پاران ملاح هائوس مڪلي تي افطار پارٽي منعقد ڪئي ويئي. جنهن ۾ ملاح اڳوان ڏاڏا محمد آدم گندرو، ADHO هيلٿ ٺٽو ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽو: ڊاڪٽر سڪندر ملاح پاران ڪوٺايل افطار پارٽي جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد ۾ جهيڙو

ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد ڳوٺ سانول سولنگي ۾ زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

گوليون لڳڻ سبب 35 سالا عزيز الله سولنگي ولد مٺل سولنگي ۽ 32 سالا ثناءُ الله سولنگي زخمي

ٽنڊو محمد خان (ب مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد ڳوٺ سانول سولنگي ۾ زميني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو ۾ سومرا ڪالوني مرڪپور واسين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

الهجڙيو گوپانگ پنهنجي پٽ غلام علي ۽ زال اميران گوپانگ احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٻاٿرن ڌمڪيون ڏئي ڏيڍ سالا سلمه ڌي پير بخش گوپانگ کي زبرستي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي

دادو(ن سنڌيار) دادو جي سومرا ڪالوني مرڪپور واسين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري تعري بازي ڪندي ميڊيا دانهيندي چيو ته.الهجڙيو گوپانگ پنهنجي پٽ غلام علي ۽ زال اميران گوپانگ ميڊيا آڏو دانهيو ته مخالف پرليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

گلاب لغاري شهر جي مين روڊ تي ٽيلر ماسٽر سورج ڪمار جي دڪان کي باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب دڪان ۾ پيل هزارين روپين جون چار سلائي وارين مشينون سڙي ويون

رهواسين فائر برگيڊ جي گاڏي گهرائي باهه اجهائي ٻين دڪانن کي سڙڻ کان بچائي ورتو

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري شهر جي مين روڊ تي ٽيلر ماسٽر سورج ڪمار مينگهواڙ جي دڪان کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گلاب لغاري: درزي جي دڪان کي لڳل باهه جو ڏيک

ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد سعدي ٽائون بلاڪ چار ۾ چوري جي عجيب واردات

عجيب واردات دوران ڪار ۾ سوار چور ٻڪرو ڪار ۾ وجهي چوري ڪري فرار ٿي ويا

سچل ٿاڻي جي حد ۾ ٻڪرو چوري ڪرڻ واري سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ وائرل ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد سعدي ٽائون بلاڪ چار ۾ چوري جي عجيب واردات ڪار ۾ سوار چور ٻڪرو ڪار ۾ وجهي چوري ڪري فرار ٿي ويا خبر موجب ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد ۾ چوري جي عجيب واردات سعدي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ ماتلي پوليس جي خلاف مگسي برادري جي ماڻهن جو احتجاج

مگسي برادري پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ايس ايڇ او خلاف سخت نعريبازي ڪئي

سماجي اڳواڻ غلام عباس مگسي، ڊاڏر مگسي ، مولا بخش مگسي شمير مگسي پاران شرڪت

ٽنڊومحمدخان (ب مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ۾ ماتلي پوليس جي خلاف مگسي برادري جي ماڻهن جو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ايس ايڇ او خلاف سخت نعريبازي بيگناهه گرفتار ٿيل نوجوان جي فوري آزادي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊومحمد خان: مگسي برادري جا ماڻهو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ون فائيو انچارج صلاح الدين چانڊيو پاران گشت دوران ڪاروائي

ون فائيو انچارج صلاح الدين چانڊيو ۽ سنڌس ٽيم پاران ڪارروائي ڪئي وئي

جوابدار وٽان نشي آور استعمال ٿيندڙ گٽڪا ۽ سوپارين جو ڪارٽون هٿ ڪيو ويو

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ ون فائيو انچارج صلاح الدين چانڊيو ۽ سنڌس ٽيم جي گشت دوران ڪاروائي. ۾ ڇٽا گرفتار، نشي آور استعمال ٿيندڙ گٽڪي ۽ سوپارين جو ڪارٽون هٿ تفصيل موجب: خيرپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دهشتگردي تورڙ عدالت پاران بارودي مواد رکڻ جو ڏوهه ثابت نه ٿيڻ جوابدار آزاد

عدالت سياسي ورڪر زاهد مشتاق مغل کي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي باعزت بري ڪري ڇڏيو

واسي زاهد مشتاق مغل کي 6 مهينا اڳ سادن ڪپڙن ۾ ملبوس سيڪيورٽي اهلڪار گرفتار ڪيو

حيدرآباد(رپورٽر) دهشتگردي تورڙ عدالت بارودي مواد رکڻ جو ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي هڪ جٽي کي باعزت بري ڪري ڇڏيو خبر موجب حيدرآباد جي دهشتگردي تورڙ عدالت سياسي ورڪر زاهد مشتاق مغل کي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي باعزت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ ڳوٺ بوبڪ جي رهواسين پاران جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

رهواسين مسمات نصيبا، آمنه، ملوڪ ڪوسو، سڪندر ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ ڳوٺ بوبڪ جي رهواسين مسمات نصيبا، آمنه،ملوڪ ڪوسو،سڪندر ڪوسو ۽ ٻين نادرا آفيس دادو آڏو گوليون هڻي قتل ڪيل محمد قاسم ڪوسو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: ڳوٺ بوبڪ واسي ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پيپلزپارٽي اقتدار ۽ ڪرپشن لاءِ سنڌ جو هر سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهي: اياز لطيف پليجو

18 هين ترميم تان هٿ ڪڻي وسيلا وفاق کي ڏئي ڇڏيا، سنڌ جا ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن

عالمي سامراجي طاقتون خطي تي قبضي لاءِ سنڌ ۽ پاڪستان کي ٽوڙڻ جي سازش ڪري رهيون آهن

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي، پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سدائين حقن تي سوديبازي ڪئي آهي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس اياز لطيف پليجو جي صدارت هيٺ ڪينجهر تي جاري اجلاس ۾ اهم فيصلا ڪيا ويندا انهي موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو اجلاس ۾ ڳالهائيندي

عمران بروهي جا شڪر گذار
آهيون جن روڊ جو ڪم شروع
ڪيو: فقيرا ڳوٺ جا رهواسي

ڪراچي ايسٽ (رپورٽر) پ پ ضلعي اوير جي اڳوڻو جنرل سيڪريٽري لالا عبدالرحيم ۽ يوسي 07 جي چيئرمين چوڌري فاروق زمان وائيس چيئرمين مير عمران بروهي جا شڪر گذار آهيون جن اسان جي فقيرا ڳوٺ جي مين بازار ۾ پيوربلاڪ روڊ جو ڪم شروع ڪيو عبدالعليم ميمڻ چيئرمين يونين مارڪيٽ ڪميٽي تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سرحد پرسان جهانپور شريف ۾ ميڊيا تي خبرون شايع ٿيڻ بعد نينگري جي مالي سهائتا

سماجي تنظيم اسٽيپس آرگنائيزيشن ڪينسر ۾ مبتلا آسمه دل جي مالي سهائتا ڪئي وئي

صدرالدين شاهه بخاري جا ٿورائتا آهيون جنهن بيمار نياڻي جي مالي مدد ڪئي: والد الهوڏايو دل

سرحد (رپورٽر) سرحد پرسان جهانپور شريف ۾ ميڊيا تي خبرون ڇاپجڻ ٿيڻ کان پوءِ سماجي تنظيم اسٽيپس آرگنائيزيشن پاران ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا 8 سالا نيگري آسمه دل جي مالي سهائتا ڪئي وئي،خبر موجب سرحد پرسان درگاهه جهانپور شريف ۾ رڌي ارسي کان ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا پورهيت الهوڏايو دل جي 8 سالا نيگري آسمه دل جي، اسٽيپس آرگنائيزيشن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پرياسٽي قومي شاهراهه تي سنڌيار شهواڻي پيٽرول پمپ تي پوليس جي مبينا چڙهائي 3 گرفتار

پوليس اهلڪار ملازم اصغر مهر آچر چانڊيو ۽ يامين لنجار کي ڪنبي ڪٺي ويا ملازمن جو احتجاج

پنجن موبائلن ۾ سوار اهلڪارن پاڻ کي نواب شاهه جا اهلڪار ٻڌائي رهيا هئا: مظاهرين جون ڳالهيون

اسان جي زرعي زمين تي احسن ميمڻ سرفراز جمالي مبين ڪورائي ٻين قبضو ڪيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي قومي شاهراهه تي سنڌيار شهواڻي پيٽرول پمپ تي پوليس جي مبينا چڙهائي 3 ملازم اصغر مهر آچر چانڊيو ۽ يامين لنجار کي ڪنبي ڪٺي ويا ملازمن جو احتجاج پوليس چڙهائي جا سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ان سلسلي ۾ پيٽرول پمپ جي ملازمن آزاد لنجار سمير وسان ۽ ٻين ٻڌايو ته پنجن موبائلن ۾ سوار اهلڪارن پاڻ کي نواب شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: پيٽرول پمپ ملازم پوليس چڙهائي جا تفصيل ٻڌائي رهيا آهن

تانيا خاصخيلي قتل ڪيس:
جوابدارن جي وڪيل پاران
ٻيهر مهلت گهري ورتي

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي تانيا خاصخيلي قتل ڪيس: سيوهڻ جي عدالت ۾ اهم پيش رفت جوابدارن جي وڪيل هڪ ڀيرو ٻيهر تياري مڪمل نه ٿيڻ جو عذر پيش ڪندي مهلت گهري ورتي عدالت جوابدارن جي وڪيل کي ايندڙ تاريخ تي هر صورت ۾ دليل ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ايندڙ ٻڌڻي 12 اپريل 2023 تي ٿيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سرحد ۾ مڪاني نندي چونڊ جو ڇهڇٽو شروع ٿي ويو، مختلف علائقن ۾ تقريبون

يوسي عمرڌهو تي وائيس چيئرمين جي نندي چونڊ جو ڇهڇٽو جاري آهي، پ پ پاران ٽڪيٽ جاري

مير حمزه خان سندراڻي، ابوذر لکڻ ۽ ٻين پاران چيف احمد علي ملڪ کي ٽڪيٽ حوالي ڪئي وئي

اعتماد ڪرڻ تي ٿورائتو آهيان عوام جي خدمت ڪئي آهي اڳتي به عوام کي مايوس نه ڪبو: احمد علي ملڪ

سرحد(رپورٽرغلام عباس مهر) سرحد ۾ مڪاني نندي چونڊ جو ڇهڇٽو شروع ٿي ويو آهي چيف احمد علي ملڪ کي پيپلزپارٽي طرفان ٽڪيٽ جاري، خبرموجب سرحد جي يوسي عمرڌهو تي وائيس چيئرمين جي نندي چونڊ جو ڇهڇٽو جاري آهي سماجي اڳواڻ چيف احمد علي ملڪ کي پ پ طرفان وائيس چيئرمين جي ٽڪيٽ جاري ٿي وئي آهي سلسلي ۾ فتح پور هائوس تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين ۾ اسڪول جي بقايا گهرڻ تان ملزم جو اسڪول ڪلرڪ تي حملو، خوف ۽ هراس

شاگردن جي موجودگي ۾ رجب راهمون اتي موجود ڪلرڪ نويد عباسي تي حملو ڪري ڏنو

سرن ۽ پٿرن سان اسڪول جي فرنيچر، ڪمپيوٽر ۽ پرنٽر سميت ٻين شين جي ٽور ڦور پڻ ڪئي

شخص کي گرفتار ڪري انتظاميه ۽ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي:مطالبو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اسڪول جي بقايا گهرڻ تان ملزم جو اسڪول ڪلرڪ تي حملو اسڪول ۾ پيچ دابهه. اسڪول پڙهندڙ شاگردن ۾ شديد خوف و هراس تفصيلات موجب پريس ڪلب ريجهو نيشنل اسڪول اينڊ ڪاليج نالي نجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

بدين: نجي اسڪول تي ڪيل پٿراءُ جو ڏيک

رتوديرو ۾ جيلاني ميڊيڪل
سينٽر تي هڪ روزه مفت
ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ جيلاني ميڊيڪل سينٽر تي هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي. ڪئمپ تي شهر سميت تعلقي جي مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ مريض پهتا، چمڙي جي سرجن ڊاڪٽر سعيد احمد قاضي سوين مريضن کي تپاسي مفت دوائون فراهم ڪيون . رپورٽ موجب رتوديرو جي جيلاني ميڊيڪل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وزيراعليٰ جي معاون خصوصي جاويد ناياب لغاري پاران عام مارڪيٽن جو دورو ريٽ لسٽون چيڪ

جاويد ناياب لغاري قائم رمضان بچت بازارن ۽ عام مارڪيٽن جو دورو ڪري ريٽ لسٽون چيڪ ڪيون

مارڪيٽن جا دورا ڪري رهيا آهيون ته عوام کي وڌ کان وڌ ريليف فراهم ڪري سگهجي: جاويد ناياب لغاري

مختلف مارڪيٽن جي دوري دوران وڌيڪ قيمتون وٺندڙ 34 دڪاندارن مٿان 17 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

نوابشاهه (رپورٽر) وزير اعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي جاويد ناياب لغاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد سليم جتوئي ۽ سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن پاران سندن علائقن ۾ قائم رمضان بچت بازارن ۽ عام مارڪيٽن جو دورو ڪري ريٽ لسٽون چيڪ ڪيون • شهرين کان معلومات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

روهڙي لاڙڪاڻي دادو ڪوٽڙي ٽريڪ تي 8 مهينن کان بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج جاري

'ڦلجي'دادو سميت مختلف ريلوي اسٽيشنن تي هلندڙ جدوجهد جي سلسلي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهزاد ميمڻ' محمد اسلم بالادي' امجد علي ڪوسو' محمد يوسف راهوجو سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

لاڙڪاڻي جون سڀ ٽرينون بند آهن سادا پنج هزار سال قديم تهذيب موئن جو دڙو به هن ٽريڪ تي آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) روهڙي لاڙڪاڻي دادو ڪوٽڙي ٽريڪ تي 8 مهينن کان بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ لاڙڪاڻو راڏڻ 'سيتاروڊ' 'پيارو ڳوٺ' 'ڦلجي' 'دادو سميت مختلف ريلوي اسٽيشنن تي هلندڙ جدوجهد جي سلسلي ۾ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 70 ڏينهن کان سيتاروڊ رحماڻي نگر ريلوي اسٽيشن تي احتجاج ڪندڙن شهزاد ميمڻ' محمد اسلم بالادي' امجد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو: بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ سيتا سرجهار فورم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين گورنمينٽ پرائمري
اسڪول عبدالشڪور ڪوسو ۾
چمڙي جي بيماري ڦهلجي وئي

بدين (رپورٽر) بدين گورنمينٽ پرائمري اسڪول عبدالشڪور ڪوسو ۾ چمڙي جي بيماري ڦهلجي وئي، ڳوٺاڻن جي درخواست ڏيڻ بعد ڊي ايڇ او جي حڪم تي ميڊيڪل عملو پهچي ويو ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو جي اڳواڻي ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم دوائون سميت اسڪول پهچي مريضن جو علاج ڪيو تفصيل موجب: بدين گورنمينٽ پرائمري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

حضرت سچل سرمست رحه جي 202 هين ساليانى عرس جي انتظامن بابت اجلاس

چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر شرجيل نور چنا جي صدارت هيٺ ٿيو

محفل سماع ، ايوارڊ تقريب ، سگهڙ ۽ ادبي ڪانفرنس سميت ملاڪڙي ۽ ٻين انتظامن جو جائزو ورتو ويو

درگاهه جي سجاده نشين جي پاءُ خواجا نظرالحق فاروقي، ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

خيرپور(رپورٽر) جنهن دل پيتا عشق جا جام، سادل مستو مست مدام حضرت سچل سرمست رحه جي 202 هين ساليانى عرس مبارڪ جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان درگاهه حضرت سچل سرمست جي محفل سماع ع ۾ اهم گڏجاڻي تفصيل موجب سخي عبدالوهاب المعروف سچل سرمست رحه جو ساليانو 202 هون عرس مبارڪ 14 رمضان تي ٿيندو ان سلسلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 02 اپريل 2023ع

ڪراچي ۾ اکين جي ماهر ڊاڪٽر جو قتل ۽ سنڌ سرڪار جو فرض

[illegible]

محسوس ٿئي ته اهڙن واقعن کي روڪڻ جي لاءِ قانون وڏي پشماني تي حرڪت ۾ ايو هجي. ڪجهه مبصران خيال جا آهن ته هندو برادري کي نشانو بڻايو پيو وڃي، ان جا ڪيترائي سبب آهن، اهو سڀ ڪجهه ڀهراڙي ۾ عام طور تي ٿي رهيو آهي پر هاڻي شهرن ۾ به اها برادري پاڻ کي غيرمحفوظ محسوس ڪري رهي آهي. پنهنجي محنت سان پورهيو ڪري زندگيءَ گهارڻ جي باوجود هي برادري هڪ عرصي کان سنڌ جي اندر نشاني تي آهي. جنهن ڪري هندو ڪميونٽي ۾ مايوسي پکڙجي رهي آهي. اتر سنڌ ۾ اڳي ئي ڏوهن جو گراف وڌيڪ آهي پر اتي به هندو برادري وڌيڪ عتاب جو شڪار آهي. سموري ملڪ ۾ هندو برادري جو وڏو انگ سنڌ ۾ رهائش پذير آهي، جيڪو به هاڻي پاڻ کي گهڻو غيرمحفوظ سمجهي ٿو سنڌ جي سياسي سماجي اسٽرڪچر ۾ اڳي اهڙي نوعيت جا ڏوهه نالي ماتر هوندا هئا پر هاڻي هر علائقي ۾ اهي ڏوهه وڌي ويا آهن، جن کي روڪڻ جي لاءِ سرڪار ٽوٽي انتظاميا وٽ ڪو به بندوبست نه آهي. ملڪ ۾ ڪجهه وقت کان بک، بدحالي، مهانگائي ۽ غربت عام طور تي ماڻهن جي سهپ ختم ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪري به اهڙن ڏوهن جو وڌڻ لازمي آهي پر ان ۾ به غيرمسلم کي ٽارگيٽ ڪرڻ واري ڳالهه سنڌ جي هندو برادري کي وڌيڪ پريشان ڪري رهي آهي. سنڌ جي سڃاڻپ امن ۽ پيار جي ڌرتيءَ واري رهي آهي پر ويجهڙائي ۾ سموري سماجي نظام ڍهڻ سبب انسانيت جا سمورا قدر لتاڙجي ويا آهن. تازو گهوٽڪي لڳ هٿياربند ڌورن هڪ ايمبولينس کي روڪي ان ۾ موجود ماڻهن کان ڦر ڪري ورتي هئي. هاڻي هن ڪيس جي وڌيڪ جاچ پوليس ڪندي ان بعد ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو پر اها انتهائي افسوس جي ڳالهه آهي ته صوبي ۾ هاڻي ڪنهن جي به جان مال ۽ عزت محفوظ نه رهي آهي. سنڌ حڪومت کي فوري طور تي هن اهم مسئلي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ سخت قدم کڻڻ گهرجن بي صورت ۾ عوام اندر پيدا ٿيندڙ ڪاوڙ جي دونهن مان ڪنهن وقت وڏو ڀنيت ٿي سگهي ٿي. جنهن سان سمورو نظام متاثر ٿيندو اهو بهرحال وقت جي حڪومت جوئي فرض هوندو آهي جيڪا عوام تي هر نيٺن ڏينهن ڳرا ٽيڪس لاڳو ڪري اهي وصول نه ڪري رهي آهي پر ان جي بدلي ۾ عام ماڻهو کي ڪنهن به طرح جو تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. سموري دنيا ۾ ماهر ڊاڪٽرن جو گهڻو قدر ڪيو وڃي ٿو ۽ اسان وٽ اهڙي حالت آهي جو اهڙا مسيحائي ڪردار گهٽين ۽ رستن تي بي دردي سان بدامني جي ور چڙهي قتل ٿي وڃن ٿا.

ادارن جو ٽڪراءُ ۽ آئيندو

رياض ابڙو

اها ڳالهه مڃڻ جهڙي آهي ته قانون ساز اسيمبليءَ جا ممبر پلي ڪجهه به نه هجن پر قانون سازي ڪري سگهن ٿا يا اسيمبليءَ مان ڪڏهن ڪڏهن ڪم جا بل به پاس ڪرائي سگهن ٿا يا اهڙا بل جنهن ۾ ملڪ جو پلو ٿئي يا ڪجهه ممڪن به هجي ۽ ائين نه ته جيئن عمران خان پنهنجي دور ۾ 33 بل راتو رات پاس ڪرائي رڳو پي ڊي ايم کي ڪري ڊيکاريو هيو ته هو ڪيترو دادلو آهي جو اندرئي اندر پي ڊي ايم جي ميمبرن به لڪيل سپورٽ ڪئي هيس ان ڪري ته انهن سيني کي لڪيل اشارو هيو ته هو ان بل جي پاس خاطري ڪن ۽ عمران خان جي سپورٽ ڪن پوءِ انهن بلن ۾ اسٽيٽ بينڪ جي خودمختياري کان وٺي اليڪشن ڪميشن جهڙي خودمختيار اداري جي صوابديد به داءُ تي هئي ته اهي ڪو به ڪم پاڻ نه ڪري سگهن يا انهن تي پي ٽي آءِ پنهنجو اثر ڏيکاريو اها ڳالهه بي هئي.

چيف جسٽس جي "بينچ جي جوڙجڪ" به ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي ته اهي ڪورٽ جي اهڙن معاملن ۾ ڳالهائي سگهن يا ڪجهه چئي سگهن ان ڪري اها ڳالهه ته هاڻي سيني کي وٽي هوندي جو پي ٽي آءِ وارا هجن يا پي پي وارا يا نون ليگ وارا هجن انهن سيني جي مٿان هڪ خوف جي تلوار ٽنگيل هوندي هئي ته جي اهي ڪجهه ڪيندا ته انهن جي نڙي تي نهُنَ رکيو ويندو يا انهن جي مٿان "ڪورٽ ڪانٽيمپٽ" ته ڪبي هٽ جو ڪيل هيو يا ڪنهن جي مجال نه هوندي هئي ته اهي ٻڙڪ ڪڇي يا ڪالهه 30 مارچ واري اسيمبليءَ جي ڪاروائي ۾ بلاول ڀٽي جي لاءِ جڏهن اهو چوڻ آسان ٿي پيو ته ماضيءَ جا چيف جسٽس فرعون هيا يا جيڪي به چيف جسٽس هيا ۽ انهن جيڪي به پاڻمرادو نوٽس ورتا جن ۾ انهن وقت جي اڳوائن، وزيراعظمن کي به داءُ تي هٽي ڇڏيو هيو ۽ پناماليڪس جي ڪري نوازشريف به داءَ تي لڳي ويو هيو جو ڪورٽ پاڻ مرادو نوٽيس ۾ چڻ ونگار وهي هئي ۽ بنا ڏوهجي ثابتي جي هو ڪرسيءَ تان نه لٿو پر تاحيات نااهل به ٿي ويو جو ملڪ مان نيڪالي وٺي يا پاڻ هڙتو ملڪ بدري وٺي وڃي لنڊن وسائي ويهي رهيو جڏهن ته ملزم کي ڪڏهن به اهڙي روپي ۾ نه ٿو آڻي سگهجي جنهن ۾ هو مجرم بڻائي سزايافتا ڪيو وڃي جو ڏوهه ثابت ٿئي نه ٿئيس پر سزا ڪائي يا جن تي وڏه ثابت هجي اهي سزا نه ڪائي سگهن يا ڪورٽ جي نه هڻن يا ڪورٽ جڏهن ڪين جي مٿان گرفتاريءَ جا وارنٽ ڪيڍي ته وري لکي عوام کي ڪٽرائي ستراٽي پاڻ بچائي وجن جو "ڏک جهلي پولي ۽ ڪتيو ڪائي فقير" پرهائي ته شيون اجان به واضح ٿي وڃن ته ڪورٽ يا اعليٰ عدالتن ۾ ڪير به پنهنجي مرضي سان يا ڪنهن جي فرمائش تي يا ڪنهن جي پر وٺي رڳوان هڪ ڏر کي راضي نه ڪري سگهندو ايستائين جو جيڪا به بئينچ جڙندي ان جي به پاڳي تي حيثيت به ڀهرين ٽئي ڪبي يا انهن جي فيصلي جي ادراڪ يا سمجهه ماڻهن کي به پوندي ته هاڻي پاڻمرادو نوٽيس به ڪو سياسي رنگ ۾ رنگيل نه هوندو پر ان جي به جيستائين به پاڳي تي حيثيت نه هوندي تيستائين ممڪن ناهي.

ججن جي پرتي به هڪ وڏو مسئلو بٽيل هيو يا جيڪي به اڳواڻ جي پسند يا ناپسند جا جج هوندا هيا اهي فيصلا به وري وچڙا نه ڏيندا هيا ان ڪري هن سياسي ڌر خوش نه بي ناراض يا اهو به هيو ته انهن جي فيصلن ۾ تعصب واري بوءِ هوندي هئي جو اهي پلي نون ليگ جي خالف هجن يا پي پي جي حمايت ۾ نه هجن پر سڌو سنئون پي ٽي آءِ کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ڪيا ويندا هيا جو پي ٽي آءِ جي عسڪري ادارن مان پنهنجو وقار ۽ مان مرتبو وڃائي ويٺي نه اهي پوءِ پنهنجون نظرون اعليٰ عدالتن ۾ وجهي ويهندا هيا نه هاڻي سيني ادارن مان ڏڪاريل پارٽي گهٽ ۾ گهٽ اعليٰ عدالت مان فائدو ۽ حمايت وٺي ويندي جو فيصلا سدائين هڪ پاساهان ٿيندا هيا جنهن ۾ رڳو عمران خان خوش باقي بيا سڀ منهن گهنجائي ويهندا هيا ان ڪري 75 سال گذري وڃڻ جي باوجود به ڪو ادارو ۽ ڪو قانون يا ڪا شق ۽ ڪو آئين جي لاڳين اجان تائين سڌي ناهي يا انهن ۾ اجان تائين جي ور وڪڙ آهن جو جيڪو به عقل جو اڪابر ۽ سياسي پارٽيءَ جو اڳواڻ يا ڪٿي گهٽ پڙهيل سياستدان به اچي ٿو ته اهي هڪ ٽارگيٽ ڪٿي ضرور ٿو اچي جو سمجهي ٿو ته ان قانون ۽ شق يا آئين ۽ آرٽيڪل کي اڳين سرڪار پنهنجي حق ۾ استعمال ڪري وٺي مثال نيب جا قانون بي ٽي آءِ جي فائدي ۾ هئا به ته اها نيب واري لٺ هن پيري نون ليگ يا 13 پارٽين پنهنجي حصي ۾ نه آندي ۽ اڄ سان ئي انهن قانون ۾ ضروري تبديليون آڻي ان ۾ ترميم ڪري انهن "آلي لڪڻ" کي وري ڦيرائي ويا يا اهو هن پيري هنن ڪٿي صحيح ڪيو نه جيستائين ڪنهن به ملزم تي الزام ثابت نه ٿئي تيستائين اهو مجرم ناهي يا ان تي جرم ثابت ٿيڻ کان اڳ ڪنهن به قسم جون چارجز لاڳو نه ٿيون ڪري سگهجن جن جاجز ۾ سڀ کان پهرين ان ملازم (يا خاص) وزير ۽ مشير جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي يا نه ان جي چادر ۽ چوديواريءَ جو تقدس پامال ڪري يا ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس اسيمبليءَ ۽ ايوان مان به ڪنهي ڪٽي ويا پر هاڻي نيب جي قانون ۾ اهڙي گنجائش موجود ناهي ان ڪري ان ڳالهه جو فائدو ته پي ٽي آءِ وارن کي به ٿيندو توڙي جو جهانگير خان ترين تي يا فواد چودري يا ڊاڪٽر شهباز گل تي به ڪيس موجود آهن يا عمران خان تي به ڪيس هلن ٿا پر کي قانون ڪجهه پلايون به ڪٽي اچن ٿا جيڪي اڳواڻن ۽ سياستدانن کي مخالفت ۾ رهي سمجهه ۾ نه اچن يا سمجهڻ نه چاهن ته اها بي ڳالهه آهي

هونءَ آرٽيڪل 184(3) تحت ڪنهن به وزيراعظم کي ڪوڙ ڳالهائڻ تحت ڪٽي نااهل ڪجي پر پاڻ مرادو نوٽس وٺڻ غلط هيو جيڪو هاڻي چيلينج ڪري سگهجي ٿو يا شروع ۾ اها ڳالهه بي پي پنهنجي دور ۾ ڪرڻ چاهي پئي يا پي ٽي آءِ وارا به اها ڳالهه ڪن ٿا ته اهي آئين ڪري سگهن پيا پر پلوٽئي عمران خان جو جنهن ادارن جا ٽڪراءَ ڪري شيون آسان ڪري ڏنيون ۽ سيني کي "اسٽروڪ" ناهي ڏنئين نه هاڻي "ڊوائيڊ اينڊ رول" ڪيو يا آرٽيڪل 191 تحت پارليامان وٽ اهو اختيار ۽ صوابديد آهي ته اهي ان ڪورٽ جي قانون ۾ ردوبدل ڪري سگهن ٿا جيڪا انهن هاڻي ڪئي، ۽ هاڻي "سي جي پي" (سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس) ڪٽي قانون کي ابتو پڙهي يا سبتو يا پاڻ ئي قانون جي تشريح جي لاءِ اپيل داخل ڪري ته اهي سڀ قانون جا شارح آهن انهن جي هٿ وس قانون ناهڻ جا جوڙڻ ناهي اهي رڳو قانون جي تشريح ڪري سگهن ٿا يا هن جي مٿان اهو به الزام صادر آهي ته انهن کي پي ۽ پنجاب جي اليڪشن جو سوئو موٽو نوٽيس چو ورتو يا هاڻي چيف جسٽس پاڻ مرادو سينيئر ججن جي بئينچ به نه توجوڙي سگهي يا پنهنجي مرضي نه تو هلائي سگهي يا پنهنجي مرضيءَ جا سينيئر جج بئينچ ۾ شامل نه ٿو ڪري سگهي يا ججن جي مقرري به هاڻي ڪنهن هڪ جي مرضيءَ تي رکيل ناهي پر ان ڳالهه ۾ سيني جو پلو آهي ۽ سڀ پارٽيون هاڻي شڪر ڪن جو هونءَ شهبازشريف ته موگو مٽر آهي پر اسيمبليءَ تائين اهي سڀ همتون جوڙي اها ترميم پاس ڪرائي ويو جنهن ۾ 13 پارٽين جو پلو ته آهي پر سيني پارٽين جو به پلو آهي.

******

ٿو جنئين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
هَٽِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي.

پرينڪا گانڌي ڪانگريس جي سگهاري اڳواڻ ثابت ٿيندي؟

يوسف سيف

هندستان سميت ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جا ڪيترائي ڏک سک ساڳيا آهن، ٽين دنيا جي سيني کان رڏيڪ آبادي واري هن خطي ۾ موجود ملڪن جي اندر سياسي خاندانن جو وڏو اثر رهيو آهي. گهڻين ڏهاڪن واري هن علائقي جي ديس ۾ عورتون به سياست ۾ ڪنهن کان پوئتي نه رهيون آهن، خاندانن جي موروثي سياست ۾ بنگلاديش ۾ مجيب خاندان، برما ۾ سوچي جو خاندان، پاڪستان ۾ ڀٽي جو خاندان، هندستان ۾ گانڌي خاندان جو گهڻو متحرڪ رهيو آهي. دلچسپ ڳالهه هي آهي ته ڏکڻ ايشيائي هنن ملڪن ۾ عورتن مردن سان هر شعبي ۾ پاڻ ملهايو آهي، خاص ڪري سياست ۾ انهن عورتن وڏو اثر ڇڏيو آهي جنهن ۾ نيپال ۽ سري لنڪا جا ملڪ پڻ شامل آهن، هن خطي جو ڪو به مورخ ڏکڻ ايشيا جي سياست ۾ عورتن جي اڳواڻي ۽ عورت جي جدوجهد کي وساري نه سگهندو. تازو هندستان ۾ گانڌي خاندان جي پرينڪا گانڌي اڄ ڪلهه سياست جي ميدان تي ڇانيل آهي، هو پنهنجي ڀاءُ راهول گانڌي جي خلاف حڪومتي ڪارروائي تي ميدان تي نڪري آئي آهي ۽ راهل جو ساٿ ڏئي رهي آهي، راهول گانڌي کي سورت جي عدالت پاران چار سال پراڻي ڪيس ۾ ٻن سالن جي سزا ٻڌائي آهي. ڪيس موجب راهول وزيراعظم بابت تبصرو ڪندي چيو هو ته سمورن بدعنوان جو تعلق مودي برادري سان ئي ڇو هوندو آهي، اهي لفظ هن جو گناهه ڳڻايا ويا آهن. جنهن بعد ڪانگريس سموري ملڪ ۾ احتجاج ڪيو آهي، جيڪو سلسلو جاري آهي، ان سلسلي ۾ پرينڪا گانڌي چيو آهي ته هن ملڪ جي جمهوريت کي وڌائڻ جي لاءِ منهنجي خاندان پنهنجو رت ڏنو آهي. منهنجي پيءُ جو لاش جهنڊي ۾ ويڙهيل آيو هو، هو شهيد کي غدار چون ٿا. ڪيس مير جعفر سڏيندا آهن. هن ملڪ جو وزيراعظم بزدل آهي. اسان هن کان ڊڄڻ وارا نه آهيون. اپوزيشن ليڊر راهل جي ڀيڻ پرينڪا گانڌي جو لهجو هن پيري گهڻو سخت ۽ بدليل آهن. هوءَ ساڳئي محاذ تي ملڪ جي حڪمران پارٽي بي جي پي کي چيلينج ڪري رهي آهي، پرينڪا گانڌي 2004ع کان عملي سياست ڪري رهي آهي ۽ شروع کان ئي سياست ۾ راهول گانڌي جي حمايت ڪندي آئي آهي عام راءِ آهي ته حڪمران پارٽي بي جي پي راهول گانڌي کي نشانو بڻايو آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ پرينڪا گانڌي پنهنجي ڀاءُ جي دفاع ۾ سامهون آئي آهي. هن جي بيانن ۽ تقريرن جو اثر بي جي پي کي به محسوس ٿي رهيو آهي. پرينڪا ۽ راهول گانڌي اڳوڻي وزيراعظم راجيو گانڌي جي اولاد آهن. راجيو گانڌي مئي 1991ع ۾ تامل ناڊو ۾ سريلنڪن ويڙهاڪ گروپ جي هٿان بم ڌماڪي ۾ مارجي ويو جنهن بعد سندس زال سونيا گانڌي سياست ۾ داخل ٿي ۽ ڪيترن سالن تائين ڪانگريس جي اڳواڻي ڪئي. هاڻي سندس صحت سياست جي اجازت نٿي ڏئي ۽ گهٽ امڪان آهي ته هوءَ هن پيري اليڪشن نه وڙهندي، ان صورت ۾ پرينڪا اتر پرديش جي راءِ برلي يا اميٺي حلقن مان لوڪ سڀا جي چونڊ وڙهندي. پرينڪا به ڪيترن ئي سالن کان سياست ۾ سرگرم آهي. پر هوءَ اتر پرديش تائين محدود هئي. ڪانگريس ڏهاڪن کان اقتدار کان ٻاهر آهي. جنهن سبب رياست ۾ ان جو تنظيمي ڍانچو تمام گهڻو متاثر ٿي چڪو آهي. عدالت راهول گانڌي جي سزا تي اسٽي آرڊر نه ڏنو يا ضلعي عدالت ساڳي سزا برقرار رکي ته پوءِ هو 2024ع جي پارلياماني چونڊ وڙهڻ جي قابل نه رهندو ان صورت ۾ ڪانگريس ۾ پرينڪا گانڌي جي اهميت تمام گهڻي وڌي ويندي، هندستان جا ماڻهو پرينڪا ۾ اڳوڻي وزيراعظم ۽ هن جي ڏاڏيءَ اندرا گانڌي جي جهلڪ ڏسندا آهن، پرينڪا جي ڳالهائڻ جو انداز ڪافي پڪو آهي. هوءَ پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار به وڏي پختگي سان ڪندي آهي ۽ پنهنجي لباس، ماڻهن سان ملڻ جي انداز ۽ ڳالهائڻ جي ذريعي عوام ۾ گهڻي مقبول نظر اچي ٿي. هن جي مقبوليت عورتن ۾ تمام گهڻي آهي. راهول گانڌيءَ بابت خيال آهي ته هو انگريزيءَ ۾ سوچي ان جو هندي ۾ ترجمو ڪري ڳالهائي سگهندو آهي، جنهن ڪري سندس روانيءَ متاثر ٿئي ٿي. هندستان ۾ 2024ع جون چونڊ سرگرم شروع ٿي ويون آهن. ان دوران راهول خلاف ڪارروائي اپوزيشن جي جماعتن کي اوچتو سرگرم ٿيڻ جو موقعو ڏنو آهي، جنهن سان اهي پاڻ ۾ ويجهيون ٿي ويون آهن. بي بي سي پاران هڪ مضمون ۾ سينيئر صحافي هيمنت عطري تبصري ۾ چيو آهي ته ملڪ ۾ 48 سيڪڙو عورتون ووٽر آهن. پرينڪا جو عورتن ۽ نوجوانن سان سڌو تعلق آهي، ان کان سواءِ ملڪ ۾ جيڪي عورتون 30_40 سالن جون آهن، انهن کي پرينڪا ۾ اندرا گانڌي جي جهلڪ نظر اچي ٿي، ان جي ابتڙ تجزيه نگار نيرجا چوڌري جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ 65 سيڪڙو ووٽرن جي عمر 35 سالن کان گهٽ آهي. انهن ۾ خانداني سياست خلاف سخت جذبات آهن. اهي پرينڪا گانڌي جي ذات ۽ صلاحيت تي دارومدار رکي ٿو، پرينڪا ڪيئن ملڪ جي نوجوانن کي پاڻ سان گڏي ٿو نيرجا چوڌري جو چوڻ آهي ته اڄ جي حڪمران بي جي پي، ڪانگريس جي حريف هڪ ۽ تمام مضبوط پارٽي آهي. مودي حڪومت تمام طاقتور ۽ مقبول آهي هن وٽ وڏي اليڪشني مشينري آهي، هر قسم جا وسيلا آهن. انهن حقيقتن جي پس منظر ۾، اهو ڏسڻو پوندو ته ڪانگريس ڪيئن پرينڪا گانڌي جي حمايت ڪندي ۽ ڪيئن روڊن تي وڙهندي. ان ڪانپوءِ ئي صورتحال چٽي ٿيندي. هن جو چوڻ هو ته ڪانگريس هن وقت ڪمزور آهي ۽ ان پارٽي کي هڪ مضبوط ليڊر جي ضرورت آهي جيڪو پارٽي جي قومي قيادت کي هلائي سگهي ٿو ۽ پارٽي جي مايوس ڪارڪنن ۾ اميد پيدا ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن پرينڪا گانڌي ملڪ جي سياست ۾ مضبوطي سان داخل ٿئي ٿي. ان سان ڪانگريس کي فائدو ٿيندو. چاڪاڻ ته هوءَ ٻين اڳواڻن کان بهترنموني سان ماڻهن کي ڳنڍي سگهي ٿي.

بقايا 01

. جلد ئي ان کي فائل ڪيو ويندو. هن چيو ته نگران حڪومت کي نيوٽرل ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي جيڪو هو ادا نه پيا ڪن. محسن نقوي، آءِ جي پنجاب ۽ سي سي پي او لاهور ڏوهاري ماڻهو آهن. عمران خان چيو ته عارف علوي هاڻ اسٽيبلشمينٽ ۽ اسان جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪردار ادا نه پيو ڪري. شاهه محمود قريشي ۽ پرويز الاهي کي ٻين پارٽين سان رابطا بحال ڪرڻ جون ذميواريون ڏنيون ويون آهن. عمران خان وڌيڪ چيو ته 90 ڏينهن ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون ته ملڪ ۾ آئين نالي ڪابه شيءِ نه رهندي. 90 ڏينهن ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون ته اسان روڊن تي هونداسين. هي ڪهڙي قانون تحت پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جون اسيمبليون بحال ڪندا. اڳوڻي آرمي چيف کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي عمران خان چيو ته جنرل باجوه هڪ ڏينهن هڪڙيون ڳالهيون ڪندو آهي ته ٻئي ڏينهن ان تان ڦري ويندو آهي. جنرل باجوه خلاف احتساب فوج اندر ٿيڻ گهرجي. جنرل باجوه ڀارت سان دوستي چاهي ٿي ان لاءِ هن منهنجي مٿان پڻ دٻاءُ وڌو. پي ٽي آءِ چيئرمين وڌيڪ چيو ته ميڊيا تي اسان جو مڪمل بليڪ آئوٽ ڪيو ويو آهي. سوشل ميڊيا ٽيم ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

بقايا 02

درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته فيصلو اچڻ تائين نيب کي منهنجي خلاف ڪنهن به قسم جي ڪارروائي کان روڪڻ جو حڪم ڏنو وڃي ۽ درخواست تي فيصلو اچڻ تائين نيب کي جاچ ڪرڻ کان روڪيو وڃي. بشريٰ بي بي عدالت کان 16 ۽ 17 فيبروري واري نوٽيس کي غيرقانوني قرار ڏيڻ جي استدعا پڻ ڪئي.

بقايا 03

نون ليگ قائد نواز شريف به وڊيو لنڪ ذريعي شريڪ ٿيو وڊيو لنڪ ذريعي ٿيل اهم اجلاس ۾ پ پ جو شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، جي يو آءِ اي ۽ حڪومتي اتحاد پي ڊي ايم جو سربراهه مولانا فضل الرحمان، چوڌري سالڪ حسين، مريم نواز ۽ ايم ڪيو ايم جي خالد مقبول صديقي پڻ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ وزيراعظم جي مدد لاءِ شاهد خاقان عباسي، قانون وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، عطا الله تارڙ، ملڪ احمد خان ۽ اٽارني جنرل سميت ٻيا اڳواڻ شامل هئا. اهم اجلاس ۾ ملڪ جي موجودا سياسي ۽ آئيني صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان کانسواءِ سپريم ڪورٽ ۾ پيدا ٿيل صورتحال ۽ ٻن صوبن ۾ چونڊن بابت مشاورت پڻ اهم اجلاس جي ايجنڊا ۾ شامل رهي اجلاس اندروني ڪهاڻيپ دي ايم اجلاس جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ نواز شريف سمورين سياسي پارٽين کي سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بئنچ جي بائيڪاٽ جي تجويز ڏني جنهن کي منظور ڪيو ويو آهي پارٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ڊي ايم ۽ اتحادي جماعتن جي سربراهن جي اڪثريت فل ڪورٽ نه جوڙڻ جي صورت ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ جي بائيڪاٽ جو مشورو ڏنو اجلاس ۾ شريڪ اڳواڻن چيو ته سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ مان اسان کي انصاف جا ڪائي اميد نه آهي، ساڳي بئنچ ويجهي ماضي ۾ اسان جي حڪومت خلاف ڪيئي فيصلا ڏئي چڪي آهي، فل ڪورٽ جوڙڻ ملڪ جي سمورين پارٽين جي گڏيل ۽ متفقه مطالبو آهي جنهن کي تسليم نه ڪرڻ انصاف جي گهرجن جي ابتڙ آهي ذريعن موجب اجلاس ۾ قانون واري وزير ۽ اٽارني جنرل اجلاس ۾ اڳواڻن پاران ڪيل بائيڪاٽ واري فيصلي جي نقصانن کان به ڪائن آگاهه ڪيو سپريم ڪورٽ مان هڪ طرفو فيصلو اچڻ جي صورت ۾ سمورين اتحادي پارٽين گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 04

ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد غني چيو ته چيف جسٽس چيو ته هڪ جج کي بئنچ ۾ انڪري ويهاريو ويو ته هو پيغام ڏيڻ چاهي پيو سندس اهڙي رمارڪس تي مون کي حيرت ٿي، پيغام ڏيڻ ججن جو ڪم ناهي هن چيو ته افتخار چوڌري ۽ ثاقب نثار جهڙا چيف جسٽس رهيا جن عدالتي ساک کي نقصان پهچايو حيرت ٿئي ته 9 ججن واري بئنچ ٽن ججن تي اچي پهتي آهي، ان سان عدليا ۽ عدالتي فيصلو وڌيڪ تڪراري هوندو. ساڳئي ئي ججن جا مختلف فيصلا اچڻ ٺيڪ ناهي، جيڪو جج پاڻ کي ڪيس کان الڳ ڪري چڪو آهي ان کي ٻيهر بئنچ ۾ شامل ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر آهي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته عمران خان ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، ادارن کي هڪٻئي جي ڪم ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي هن چيو ته ڪراچي جي 11 يونين ڪائونسلن تي ميئر جي چونڊ ڪانپوءِ نئين چونڊ ٿيڻ گهرجي سائيٽ ايريا فيڪٽري واقعي بابت سندس چوڻ هو ته ڪراچيءَ ۾ واپاري پاران زڪوات ورهائڻ لاءِ ننڍي جاءِ جي چونڊ ڪئي، انتظاميا، پوليس ۽ ٻين ادارن کي به آگاهه نه ڪيو جيڪو به سرنديءَ وارو ماڻهو زڪوات ڏيڻ چاهي ٿو ته پنهنجي طريقي کان آگاهه ڪري صوبائي وزير سعيد غني چيو ته ڪراچيءَ ۾ غيرقانوني آبادين خلاف آپريشن ٿيندو آهي ته جماعت اسلامي ۽ ايم ڪيو ايم وارا چوندا آهن آپريشن بند ڪريو سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت ڳوٺن کي پڪو ڪرڻ جو مناسب طريقو اختيار ڪيو ته جيڪي آباديون ريگيولرائيز ڪيون پيون وڃن اهي ڪنهن به خانگي شخص جي زمين تي آباد ٿيل ناهن صوبائي وزير سعيد غني چيو ته جماعت اسلامي ۽ ايم ڪيو ايم جا اعتراض اجايا آهن. پيپلز پارٽي عوام کي ڳوٺن جا مالڪاڻا حق ڏيندي. لياقت ساهي ۽ ساٿين گڏ آيل دوست پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪن پيا.

بقايا 05

ڪيچ ۾ پاڪ ايران باردر تي جلڪئي سيڪٽر ۾ حملو ڪيو حملي ۾ 4 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب شهيد جوانن ۾ نائيڪ شير احمد، لانس نائيڪ محمد اصغر، سپاهي محمد عرفان ۽ سپاهي عبدالرشيد شامل آهن. آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن خلاف ڪارروائي لاءِ ايراني اختيارين سان رابطو ڪيو پيو وڃي.

بقايا 06

آصف علي زرداريءَ سان رابطو ڪري ان کان مدد طلب ڪئي وڃي جنهن ڪانپوءِ صدر عارف علوي پ پ جي سينيئر اڳواڻ خورشيد احمد شاهه سان رابطو ڪري گذارش ڪئي آهي ته هو ڪراچيءَ جي دوري تي ايندو ان دوران آصف علي زرداريءَ کي فرصت هجي ته ڪجهه منٽ ملاقات ڪرڻ چاهيان ٿو

بقايا 07

ورهائي رهي هئي، جنهن جي هن ڪنهن کي به اطلاع نه ڏني. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مان اهو نه چوندس ته ڪمپني وارن جي نيت ٺيڪ نه هئي، پر سنڌن طريقو درست نه هو. هن چيو ته زڪوات ڏيڻ خير جو ڪم آهي پر امداد کي منظم ۽ نظم و ضبط سان ورهائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ پوليس ان واقعي جي ايف آءِ آر درج ڪئي آهي ۽ سنڌ جي وزير اعلا واقعي ۾ فوتين جي وارثن لاءِ 5.5 لک ۽ زخمين لاءِ 1.1 لک رپيا امداد جو اعلان ڪيو آهي. اطلاعات کاتي واري صوبائي وزير چيو ته هي امداد ڪنهن جي جان جو عيوضو نٿي ٿي سگهي پر ڏکايل خاندانن جي مدد لاءِ آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت سڄي پاڪستان ۾ مفت اٽي جي ورهاست جي صورتحال کي ڏسندي سڄي سنڌ ۾ اٽي بدران نقد رقم. بي آءِ ايس پي جي سهڪار سان ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هن چيو ته مستحق خاندانن کي سبسڊائزڊ اٽي جي خريداري لاءِ 2 هزار رپيا في خاندان جي حساب سان 78 لک خاندانن کي ڏنا ويندا ۽ ان سلسلي ۾ 30 مارچ تائين 38 لک 24 هزار 145 مستحقن کي موبائيل فون تي ميسيجز موڪليا ويا آهن. جنهن مان هن وقت تائين 10 لک کان وڌيڪ ماڻهو 2 ارب 14 ڪروڙ 25 لک 64 هزار رپيا ڪيش ڪرائي چڪا آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جو خيال آهي ته عوام کي روڊن تي بيهڻ بدران باعزت طريقي سان امداد ڏني وڃي. هن ٻڌايو ته رمضان المبارڪ ۾ 15 ارب رپين جي سبسڊي ڏني ويندي. جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو ته هو مستحق آهي ۽ سندس نالو بي آءِ ايس پي ۾ شامل ناهي ته اهي ويجهي بي آءِ ايس پي سينٽر سان رابطو ڪن. انهن کي 24 ڪلاڪن اندر رجسٽرڊ ڪيو ويندو. هن چيو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت کي ان مد ۾ وڌيڪ 5 ارب رپيا به خرچ ڪرڻا پيا ته ضرور ڪندي. شرجيل انعام ميمڻ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به آئين ۽ قانون جي ايتري بي توقيري نه ٿي آهي جيتري هاڻي ٿي رهي آهي. گذريل مهيني لاهور ۾ پوليس تي تشدد ڪيو ويو. پوليس تي پيٽرول بم اڇلايا ويا. پوليس وارا زخمي ٿيا پر جن تي ان الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو انهن کي ضمانتون ملي ويون. هن چيو ته سڪيورٽي جي ذميواري پوليس جي آهي پر پوليس اهلڪارن تي تشدد ٿي ڪو سو موٽو نه ورتو ويو. هن چيو ته جيڪڏهن هر ڪو بدمعاشي، ڌانڌلي ۽ لاقانونيت تي لهي اچي ۽ پاڻ فيصلو ڪري ته گرفتاري ڏيڻي آهي يا نه ته پوءِ هي سماج انارڪي، ڏنڊي ۽ غنڊه گردي جو سماج بڻجي ويندو. هن چيو ته ياسمين راشد ۽ عارف علوي پنهنجي آڊيو ليڪ جي ترديد نه ڪئي، پر قانون ان تي خاموش آهي هن چيو ته ملڪ ۾ قانون کي تماشو بڻايو ويو آهي. هن چيو ته جسٽس وقار سيٺ جو فيصلو هو ته بي آر ٽي پشاور ڪيس نيب ۾ هلي پر اڄ تائين ان ڪيس تي اسٽي آرڊر ورتو پيو وڃي ۽ ڪين اسٽي آرڊر ملي به رهيو آهي. هن چيو ته مان چئلينج ڪريان ٿو ته عمران خان جي پارٽي مان هڪ به اهڙو ماڻهو ناهي جيڪو هن اسٽي آرڊر جو دفاع ڪري سگهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ اهو ڪيترو وقت هلندو ۽ ڪيستائين تائين هڪ سياسي پارٽي کي لاقانونيت جي اجازت ڏني ويندي ۽ ڪيستائين ملڪ ۾ به نظام هلندا رهندا. هن چيو ته صادق ۽ امين لقب ڏيڻ وارو اڄ ڪٿي آهي؟ هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جي ريفرنس کي وقت چونه ڏنو ۽ چونه ان ڪيس کي ٻڌو ويو ۽ شهيد بي بي جي ٽرائل اڻ ڄاتايل مدت لاءِ چو ملتوي ڪيو ويو؟ هن چيو ته پيپلز پارٽي کي هميشه پٽ سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر پيپلز پارٽي هميشه آئين ۽ قانون جي بالادستي لاءِ تڪليفون برداشت ڪيون آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هن وقت پاڪستان جو سڀ کان وڏو مسئلو مهانگائي آهي، عوام کي ڪا به دلچسپي ناهي ته حڪومت ڇا ڪري رهي آهي ۽ عدالتن ڇا ڪري رهيون آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي ٻوڏ متاثرن لاءِ گهر ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان کان علاوه ٻوڏ متاثرين هارين کي فصل پوکڻ لاءِ به امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته اڄ جي دور ۾ علاج تمام وڏو مسئلو آهي. سنڌ حڪومت عوام کي علاج جون بلڪل مفت ۽ بهترين سهولتون فراهم ڪري رهي آهي، جنهن ۾ مسلسل اضافو ڪيو پيو وڃي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عدالتن جا ريمارڪس نه پر فيصلا ڳالهائيندا آهن. صوبائي وزير چيو ته اسان کي ڪنهن سان به اختلاف ناهن. عدالتن جا فيصلن کي ڳالهائڻ گهرجي ۽ اهي فيصلا ٻين لاءِ مثال بڻجن. هن چيو ته قانون سيني لاءِ هڪ جهڙو ته ملڪ هلي سگهي ٿو هن چيو ته هن ملڪ جي هڪ انچ جي حفاظت ڪرڻي آهي، هن ملڪ جي معيشت ۽ آئين جي حفاظت ڪرڻي آهي، اها اسان سيني جي ذميواري آهي.

بقايا 08

مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ان باوجود ضد ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ هر صورت ۾ حڪومت کي عمران خان سان ڳالهين لاءِ مجبور ڪري عمران جي سهولت ڪاري ڪري رهيو آهي سوال آهي ته هاڻي ٽن ميمبرن جو خيال ججن جي بئنچ جو فيصلو ڪير قبول ڪندو ۽ ان فيصلي جي ڪهڙي اهميت هوندي. ناميارو صحافي مطيع الله جان جو چوڻ آهي ته جڏهن ڪنيجي ويلن جون مائرون ۽ ڀينرون عدالت ٻاهران روئنديون ۽ سڏڪنديون آهن ان وقت ته چيف جسٽس کان ڳوڙها نه وهندا آهن، چا هاڻ ڪيس ۾ ٻڌايا ۽ فيصلا ڪيا ويندا آهن. اصولي طور ته چيف جسٽس کي استعيفا ڏئي ڇڏڻ گهرجي. جڏهن جسٽس فائز عيسيٰ کي خاندان سميت عدالت ۾ گهليو ويو ان وقت ته چيف جسٽس جي اکين مان ڳوڙها نه ڳڙيا هئا.

بقايا 09

وائرس جا 113 ٽيسٽ ڪيا ويا، جن مان 26 ڄڻن جي رپورٽ هاڪاري آئي. رپورٽ موجب شهر جي مختلف اسپتالن ۾ ڪورونا جا 18 مريض علاج هيٺ آهن جڏهن ته گهرن ۾ 824 ڄڻا قرنطينه ۾ آهن. مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. سنڌ جي صحت کاتي شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته اسپتالن ۽ رش وارين جڳهين تي وڃڻ کان اڳ ماسڪ جو ضرور استعمال ڪيو وڃي.

بقايا 10

چوڌري چيو ته جاچ آفيسر اسان کي نه ٿا ملن، قلم ضمانت جو ڳچا آهن. اسان ٿاڻي به ويا آهيون پر اتي به جاچ آفيسر نٿو ملي. پراسيڪيوشن پاڻ ڪيس ۾ سنجيده نظر نه پيو اچي. ٻڌڻي دوران فواد چوڌري جي وڪيل ضمانت اڄ تي ڪنفرم ڪرڻ جي استدعا ڪئي. ٻڌڻي دوران جج پي ٽي آءِ اڳواڻ کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏنو عدالت ٻنهي اڳواڻن جي عبوري ضمانت ۾ 13 اپريل تائين واڌ ڪري ڇڏي ۽ ان کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏنو عدالت ايس پي انويسٽيگيشن کي جاچ آفيسر جي حاضري يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. ان موقعي تي فواد چوڌري صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته جيڪڏهن اسان ان روڊ تي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهيون ته اسان مٿان ڪيس ٿي پيا داخل ٿين. اسان هنن کان نٿا ڊڄون. هن چيو ته عمران خان خلاف 40 ڪيس دهشتگردي جا آهن دهشتگردي جا ڪيس اسلام آباد ۾ داخل آهن جڏهن ته عمران خان اتي موجود ئي نه هو فواد چوڌري چيو ته پهريان پي ٽي آءِ جي حڪومت محلاتي سازشن سان ختم ڪئي وئي، هاڻ جوڊيشري کي ٽڪراري بنايو پيو وڃي. تحريڪ انصاف آئين سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا 11

پگوڙو عدليه تي حملا ڪري رهيو آهي ۽ سيسلين مافيا جو عملي مظاهرو ڪري رهيو آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي شيخ رشيد احمد لکيو ته عوام بک سبب راشن وٺڻ دوران پنهنجون حياتيون وڃائي رهيا آهن. اميد آهي ته هن هفتي دوران عدليه وچ آئيني ۽ قانوني تاريخي فيصلو سامهون اچي ويندو جيڪو سپريم ڪورٽ خلاف جنگ جو اعلان ڪندو انهن خلاف سموري قوم روڊن تي هوندي. چونڊون ئي ملڪ کي انارڪي ۽ رٽرجڻ کان بچائي سگهي ٿي. هن چيو ته رانا ثناءالله جا اعلان کليل جنگ ۽ عوام دشمني جي برابر آهن. نائين وارين وزيرجا بيان نااهلي جو اعتراف آهي. پنجاب ۾ 10 ڏينهن لاءِ رينجرز لڳائڻ حڪومت جي نيتن جي نشاندهي ڪري ٿو حڪومت جا بيان ٻڌائين ٿا ته هو آئين ۽ قانون جو فيصلو مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ته پوءِ عوام چونڊن جي مقابلي لاءِ تيار رهي. اڳوڻي وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته عدالتي اصلاحات بل آئين سان ٽڪراڻي آهي. ملڪ بند گهٽي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ايندڙ هفتو اهم ترين هوندو. حڪومت عدليه تي هر طرف کان دٻاءُ وجهي رهي آهي. عدليه اهوئي ڪندي جيڪو آئين ۽ قانون موجب هوندو. سموري قوم عدليه سان گڏ بيٺل آهي نااهل حڪومت ملڪ کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي.

بقايا 12

قرت العين جي ڀاءُ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو. ڊاڪٽر بيربل جي ڀاءُ قرت العين ۽ سندس ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث هئڻ جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو. گارڊن ٿاڻي تي مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر جي متن ۾ چيو ويو آهي ته ڊاڪٽر بيربل جي رنجيرڙ لاڳين رام سوامي ۾ آ. ڪلينڪ هئي، ڀاءُ کي گوليون لڳڻ جي اطلاع تي بعدجناح اسپتال پهتس ته اتي لاش آندو ويو ايف آءِ آر موجب ڊاڪٽر بيربل جي مٿي ۾ 2 گوليون لڳل هيون، گارڊن پرسان موٽر سائيڪل سوار فائرنگ ڪئي، ڪار جي ٻانت تي به گولي لڳي، ڪار ۾ سوار ڊاڪٽر بيربل جي اسسٽنٽ قرت العين کي به گولي لڳي. شڪ آهي ته قتل ۾ سڌي يا اڻ سڌي ريت قرت العين ملوث ٿي سگهي ٿي ڊاڪٽر بيربل جو لاش اڄ سنجهورو پهچائي بعد آخري رسمون ادا ڪيون وينديون

بقايا 13

ڪورٽ تو بچي ٿو ته اهو فل ڪورٽ آهي، تجربي سان ٻڌايان پيو ته وقت گهٽ آهي، حل نه ڪيو ويو ته ڪجهه به ٿي سگهي ٿو هڪ بيان ۾ خورشيد شاهه چيو ته سياسي بحران پوئتي رهجي ويو آئيني بحران ملڪ کي پوئتي ڪري ڇڏيو آهي. آئيني ۽ سياسي معاملا بند گهٽي ۾ هليا وڃن ته گهڙي جي ٽڪ ٽڪ شروع ٿي ويندي. جيڪڏهن ڪجهه غلط ٿيو ته اسان ادارا ذميوار هونداسين پ پ اڳواڻ چيو ته سپريم ڪورٽ فل ڪورٽ ذريعي رستو ڪيڍيو ته پوءِ بيو ڪو به رستو نٿو نڪري. ڪيترائي دفعا چئي چڪو آهيان ته هاڻ صرف فل ڪورٽ، صرف فل ڪورٽ بيٺي صورت ۾ صرف مايوسي ٿيندي. پ پ اڳواڻ چيو ته سپريم ڪورٽ فل ڪورٽ ذريعي رستو نه ڪيڍيو ته پوءِ ڪو به رستو نٿو بچي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته عمران خان جي ملڪ مٿان مڙهئي ٿي ملڪ کي پيش ايندڙ خرابي جي اصل بنياد آهي ضد ۽ انا ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. سياسي بحران حل ڪرڻ بجاءِ سنگين آئيني بحران پيدا ڪيو ويو آهي.

بقايا 14

نقصانڪار ثابت ٿيندو سٽيبلشمينٽ جيڪي ڪم پي ٽي آءِ کان مڪمل ڪرائي نه سگهي، هاڻي انهيءَ جو ٺيڪو پ پ ۽ ن ليگ کنيو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ اي جي صدر لعل شاهه، اياز چانڊيو، خادم ٿالهو، رشيد سڏايو، شاهه محمد انڙ، ڊاڪٽر اسلم پرويز عمراڻي، ڪليم ملڪ، نثار جنو ۽ شير چانڊيو چيو ته بيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن، ان تي وفاق جو قبضو قبول ناهي هنن چيو ته پ پ جي مجرمانه خاموشي تي اسان کي ڪيترائي خدشا آهن، پ پ سنڌ جي بيٽن کي تين وال ڪرڻ لاءِ ۽ بيهر اقتدار حاصل ڪرڻ جي سازش ۾ شامل ٿي بيٽ کپائي رهي آهي. جيڪو بلڪل مذمت جوڳو عمل آهي، اڳواڻن چيو ته اسحاق ڊار طرفان ڌارين کي شهريت ۽ پراپرٽي خريد ڪرڻ جو حق ڏيڻ لاءِ پيش ڪيل بل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي هنن چيو ته پاڪستان ۾ رهندڙ ڌارين کي پاڪستاني شهريت ڏيڻ ۽ پراپرٽي خريد ڪرڻ جو حق ڏيڻ سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو.

بقايا 15

پشاور هاءِ ڪورٽ جي پهرين عورت چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو صدر عارف علوي جسٽس مسرت هلالي جي چيف جسٽس طور مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي، قانون واري وزارت طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته جسٽس مسرت هلالي کي پشاور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو آهي. جسٽس مسرت هلالي پشاور هاءِ ڪورٽ جي سينيئر ترين جج آهي.

بقايا 16

۾ طلال چوڌري چيو ته اڄ جي پريس ڪانفرنس ڳوڙها وهائڻ کان سواءِ منٽ ٽرلا شو هئي، هن چيو ته اڄ گوليون، لٺيون ۽ پٿر اڇلائڻ وارا پاڻ کي بزدل چئي رهيا آهن. عمران نيازي کي بهادر بڻجي. ٽارن جي ڪيس ۾ جواب ڏيڻ گهرجي. ن ليگ اڳواڻ چيو ته وهان ڪيئن بهادر آهيو جو پنهنجي ڌيءَ کي حق ڏيڻ کان ڊڄو؟ جيڪو پنهنجي ڌيءَ کي قانوني حق نه ڏيندو اهو ٻين جي حقن جي حفاظت ڪندو. طلال چوڌري چيو ته طيبه گل کي اغوا ڪرڻ جو ماحول بڻجي ويو آهي؟ ڏيئرن، پينٽرن ۽ چوڪرين کي اغوا ڪرڻ جو ماحول بڻجي ويو آهي؟ هن چيو ته سياسي مخالفن کي موت جي سزا جي ملن ۾ رکڻ جو ماحول بڻجي ويو آهي، ميڊيا جي رپٽ کي گوليون هڻڻ جو ماحول بڻجي ويو آهي.

بقايا 17

پوليس آمهون سامهون ٿي ويا. رپورٽن موجب شهرين حيات آباد اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي پوليس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ماڻهن جو وڏو ميڙ مچرجي پيو شهرين کي روڪڻ لاءِ پوليس طرفان لاٺي چارج ڪيو ويو ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جو پڻ استعمال ڪيو ويو. شهرين انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو شهرين جي پٿراءُ سبب حيات آباد اسپورٽس ڪمپليڪس جا شيشا پڻ ڀڄي پيا.

بقايا 18

لاش ڪڍيا ويا آهن. فوت ٿي ويلن ۾ هڪ ٻار ۽ 2 ٻيرون شامل آهن جڏهن ته ملبي هيٺان دٻجي عورت سميت 5 ٻار به زخمي ٿي پيا آهن. بلوچستان جي وڏي وزير جي ترجمان ان حوالي سان ٻڌايو آهي ته متاثر خاندان جي فوري طور تي مدد ڪئي ويندي. ياد رهي ته زلزلي جا لوڏا گذريل رات چمن، قلعه عبدالله ۽ پشين ضلعن ۾ محسوس ڪيا ويا هئا. زلزلي جو مرڪز ڪوئٽه کان 50 ڪلوميٽر اوڀر اولهه طرف هو زلزلي سبب متاثر علائقن ۾ ليويز فورس کي الرٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته برسات سبب ڪچا گهر زبون حال هجڻ سبب شهرين کي احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. قدرتي آفت جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل ٻارن جون عمرون 8 کان 12 سال جي وچ ۾ ٻڌايون پيون وڃن

بقايا 19

. عدالت اهڙي طرح ڪم ڪري رهيا آهيون ته 25 سال لڳي سگهن ٿا. گهوارو 2014ع کان عدالت ۾ اچي رهيا آهن. عوام جي پريشاني جو اهڃاڻ کي ڪابه احساس نه آهي. عدالت ڏي آءِ جي انوسٽيگيشن کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. عدالت پڇائيواري سيڪريٽري، ۽ گهوڙڪاٽي جي سيڪريٽري کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. درخواستگذار پنهنجي موقف ۾ چيو ته منهنجا پٽ معاذ ۽ طلحه 2014ع ۾ گهر کان ويا آهن مان عدالت اچي اچي ٿڪجي پئي آهيان. جاچ آفيسر ٻڌايو ته 31 جي آءِ ٽي ۽ 12 ٽاسڪ فوس جا اجلاس ٿي ويا آهن. عدالت 12 اپريل تائين اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا 20

جي مختلف ضلعن ۾ موسم جهڙالو رهندي مري، گليات، راولپنڊي، اٽڪ، چڪوال، جهلم، مياڻوالي، گوجرانوالا، گجرات، حافظ آباد، سيالڪوٽ، ناروول ۽ برسات جڏهن ته لاهور ۾ تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. پشاور، نوشهره، صوابي، باجوڙ، ڪرم، چترال، دير، سوات، مانسهره، ڪوهستان، شانگلا ۽ ايبٽ آباد ۾ برسات جو امڪان آهي. جڏهن ته گلگت بلتستان جي جابلو علائقن ۾ برفباري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي.

بقايا 21

ٽرانسجينڊر جي هڪ وڏي تعداد شرڪت ڪئي، هيءَ ڏينهن هرسال منايو ويندو آهي جنهن جو مقصد آهي ته ٽرانسجينڊر جي خلاف جيڪو امتيازي سلوڪ ڪيو وڃي ٿو هن حوالي سان ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ ۽ بيداري پيدا ڪرڻ آهي. هن جي منائڻ جو مقصد هيءُ به آهي ته هو پنهنجي ملڪ جي اندر محفوظ ۽ خوش رهي سگهن. سول سوسائٽي سميت ٻين جو چوڻ هو ته ٽرانسجينڊر جي حوالي سان اسان کي وڌيڪ ڪم ڪرڻ آهي. هنن جي صحت ۽ تعليم جي لاءِ ته هو معاشري ۾ هڪ باعزت زندگي گذاري سگهي. ان موقعي تي ٽرانسجينڊر ڪميونٽي جي حوالي سان هڪ ڊاڪو منيٽري ڏيکاري وئي. هن جي نمائندن پنهنجو تجربو شيئر ڪيو ته هنن کي ان معاشري ۾ ڊاڪٽر، وڪيل سميت شعبي ۾ اچڻ جي لاءِ ڪيترين مشڪلن پيش آيون.

بقايا 22

۾ جساف طرفان هر سال جيان هن پيري به ڪالهه سنڌ ڍاڙو ملهايو ويو. جساف جا ڪارڪن جيئن ئي تقريب منعقد ڪرڻ لاءِ سي سي لان تي پهتا ته اتي اڳ ئي موجود پوليس ۽ رينجرز جي اتالن شاگردن مٿان لاٺي چارج ڪري جساف بشير قريشي جي نائب صدر حسنين جوڻيجو، پريس سيڪريٽري مور سنڌي، جساف آريسر جي صدر علي رضا بروهي ۽ جبار بوزدار سميت 20 کان وڌيڪ شاگردن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو اهڙي ڪاروائي خلاف شاگردن هاسٽل جي مک گيٽ وٽ ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪيو. شاگردن جو چوڻ هو ته سنڌ ڍاڙو ملهائڻ اسان جو حق آهي، ڇا سنڌ ڍاڙو ملهائڻ ڏوهه آهي جو پوليس گردي ۽ رياستي دهشتگردي جو مظاهرو ڪيو ويو هن انتظاميه ۽ فورسز کي ڇتاءُ ڏنو ته فوري طور گرفتار شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي، بي صورت ۾ اسان پنهنجو هر فيصلو ڪرڻ جي سگهه رکون ٿا. هن چيو ته هاسٽل پرووسٽ ۽ وي سي جي ملي ڀڳت سان اداري کي ڇانوڻي ۾ تبديل ڪري هر نئين پرامن سياسي ويهڪ تي به شاگردن کي حراسان ۽ گرفتار ڪيو ٿو وڃي. هن چيو ته وي سي کي به ڇتاءُ ڏنو ته شاگردن کي آزاد ڪرائي يونيورسٽي اندر ٿيندڙ رياستي جبر جو نوٽيس ورتو وڃي، بي صورت ۾ انتظاميا جو گهيرو تنگ ڪيو ويندو. ٻئي پاسي سنڌ يونيورسٽي ۾ جساف آريسر جي ڪارڪنن جهنڊا کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته 31 مارچ 1972ع تي سائين جي ايم سيد پنهنجي سياسي تجربن جي آڌار تي سنڌ جي قومي، تاريخي، جاگرافيائي، ثقافتي ۽ اقتصادي ڦرلٽ ۽ جبري الحاق مان پنهنجي قومي آزادي ۽ شناخت کي بحال ڪرڻ لاءِ سنڌ جو مڪمل ۽ جامع پروگرام پيش ڪيو سائين جي ايم سيد سڀ کان پهرين سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن اڳيان آزاد سنڌ جو نظريو ڏنو ۽ متن تاريخي بار رکيو ته اوهان ئي پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءُ ۽ آزاديءَ جي فڪر کي سموري قوم تائين کڻي هلندا. اڄ به سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ رستي تي هلندڙ جساف ڍاڪڻ کان جيلن ۽ ٽارچر سيلن کان ويندي هر مشڪل گهڙي سان مهاڏو اٽڪائي به سيد جي ڏنل نظريي تي بيٺل آهي هوڏانهن سنڌ يونيورسٽي ۾ يوم سنڌ ملهائڻ تي پوليس ۽ رينجرز پاران پروگرام تي چڙهائي ڪري شاگردن کي گرفتار ڪرڻ خلاف جساف جا ڪارڪن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري رينجرز ۽ پوليس ڪاروائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته گرفتار ڪيل سمورا شاگرد آزاد ڪيا وڃن ان موقعي تي فهيم نوهڙي، راشد جسڪاڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ يونيورسٽي ۾ رينجرز، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مداخلت کي ايترو وڌايو ويو آهي. جو سنڌ يونيورسٽي تعليمي ادارو نه پر ڇانوڻي جو ڏيک ڏئي رهيو آهي هن مطالبو ڪيو ته جبار بوزدار، سعود نوحاڻي ۽ راشد سنڌي سميت 25 کان وڌيڪ گرفتار ڪيل شاگردن کي آزاد ڪري سنڌ يونيورسٽي مان فورسز کي نيڪالي ڏني وڃي.

بقايا 23

قاضي فائز عيسيٰ خلاف داخل اپيل واپس وٺڻ چاهي ٿي، حڪومت هن ڪيس جي پيروي نٿي ڪرڻ چاهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته انصاف جي گهرج جي نظر ۾ رکندي ڪيس واپس وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي. ياد رهي ته وزيراعظم سپريم ڪورٽ جي سينئر ترين جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس کي اڳوڻي وزيراعظم جي انتقامي ڪاروائي، عدليه جي آزادي تي راڻو هڻڻ ۽ ورهائڻ جي ڪَڏي سازش قرار ڏيندي ڪيوريٽو ريويو ريفرنس واپس وٺڻ جو حڪم ڏنو هو جنهن جي صدر منظوري پڻ ڏني هئي.

بقايا 24

ته ٿورو سخت ٿيو هڪ ماڻهوءَ کي پيو اچي، آءِ جي پنجاب کي به سزا ملڻ گهرجي. هن چيو ته جيڪڏهن مريم نواز چوي ته اها سندس حڪومت ناهي ته عوام کي بيوقوف نٿو بڻائي سگهجي. مريم نواز پارٽي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ چيو ته اها سندس حڪومت ناهي. وڌيڪ چيو ته آصف زرداري بيماري ۾ به ماڻهن جي عيادت ڪري رهيو آهي پ پ اڳواڻ چيو ته اسحاق ڊار مفتاح خلاف ڳالهائيندو هو اڄ به مفتاح ڊار خلاف ڳالهائي رهيو آهي. مفتاح کان ڪجهه نه پڇندا، هو شهباز جو فيڪٽري پارٽنر آهي. سندس چوڻ هو ته آءِ ايم ايف آڏو سڀ ڪجهه رکيو ويو پوءِ دار ايٽمي اثاثن جي ڳالهه ڪيئن ڪئي، جيلي سنڌس ڳچيءَ کي ڪٽي ڇڏيندو پر ايٽمي اثاثن تي سمجهوتو نه ڪرڻ ڏينداسين. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن اسحاق ڊار سان ڳالهايو آهي ته ٻالو ٻڌايو. عمران خان جهڙو سيفر نه ناهيو ناٽي وارو وزير اسحاق ڊار اهڙي غلط ڳالهه ڪيئن ٿو ڪري سگهي. عبدالقادر مندوخيل چيو ته مان تحريڪ انصاف ته پابندين جي حق ۾ نه آهيان. انهن جو سياسي مقابلو ڪيو. پوليس ۽ ايتري ديرڪٿي ڏي جو سڄي پاڪستان مان بي ٽي آءِ جا ڪارڪن آيا، پنجاب کي سزا ملڻ گهرجي.

بقايا 25

غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو آهي . ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري وقار عالم عباسي پاران جاري ڪيل بيان ۾ واقعي جي مذمت ڪئي وئي، ڪراچي بار قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اعليٰ آفيسرن کي واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. جاچ ڪري ڪاروائي ۾ ملوث آفيسرن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي. تعليمي ادارن اندر اهڙي قسم جون ڪاروايون قانون جي خلاف آهن. واضح رهي ته ڪالهه سنڌ يونيورسٽي جي اندر شاگردن پاران ڪيل سيمينار دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن شاگردن کي تشدد نشانو بڻائي ڪين گرفتاريون به ڪيون هيون.

بقايا 26

وين مخالف روٽ سان ايندڙ ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هاءِ ايس وين مڪمل طور تباهه ٿي وئي، حادثي جي نتيجي ۾ چار ڄڻا ڏاڍي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته چار زخمي ٿي پيا. واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ڪرو موقعي تي پهچي ويا ۽ فوتين ۽ زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪيو رپورٽس موجب جناح اسپتال ۾ علاج دوران وڌيڪ ٻن ڄڻن دم ڏئي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ واقعي ۾ فوتين جو انگ گڏيل طور تي چار ٿي ويو آهي جڏهن ته زخمي علاج هيٺ آهن فوتين جي سڃاڻپ عبدالله ڏني شاهد، حنا ۽ فاروق جي نالي سان ڪئي وئي آهي.

بقايا 27

جي سيڪريٽري، آءِ جي سنڌ سميت ٻين کي ڌر ناهي موقف اختيار ڪيو ته محمد سلمان خان پريس ڪلب ۾ مظاهري ڪرڻ کان پوءِ گهر آهي. لاڳاپيل ٿاڻو سهڪار نه ڪري رهيو آهي.

بقايا 28

جو اعلان ڪيو آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن راشن ۽ زڪوات جي ورهاست دوران ڪراچي جي هڪ فيڪٽري ۾ ڀاڄ سبب ٻارن سميت 12 ڄڻا فوت ٿي ويا هئا.

بقايا 29

مفتي عبدالقيوم جي قتل جو حڪم پوليس انٽيليجنس آفيسر محمد عتيق ڏنو هو جوابدار پوليس آفيسر عتيق جي تصوير ۽ شناختي دستاويز حاصل ڪيا ويا آهن. اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار عتيق قتل جو واقعو سي سي ٽي وي ڪيمرا تي لائيو ڏسي رهيو هو. مفتي عبدالقيوم کي به جوابدار عتيق جي گهر اڳيان قتل ڪيو ويو ۽ پوليس اهلڪار عتيق قتل کان اڳ جوابدار سان رابطي ۾ هو پوليس اختيارين موجب جوابدار عتيق کي تازو ئي وفاقي جاچ اداري ۾ منتقل ڪيو ويو هو. جوابدار عتيق ڪيترن ئي حساس ۽ اهم هنڌن تي ڊيوٽي ڪندو رهيو آهي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار عتيق وڌيڪ 2 ڄڻن جي قتل جي ذميواري ڪرائي تي ڏيڻ وارن کي ڏني هئي.

بقايا 30

پوليس ڪيس ۾ نامزد جاويدارن کي عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو آهي پوليس طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ فيڪٽري مالڪ عبدالخالق ۽ 7 ملازم به نامزد ڪيا ويا آهن ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته فيڪٽري انتظاميا راشن ورهائڻ دوران اين او سي نه ورتو هو. پوليس يا انتظاميا کي به انتظامن آگاهه نه ڪيو ويو ايف آءِ آر موجب چوڪيدار حسين زاده جيئن ئي فيڪٽري جي گيٽ سان گڏ ننڍو دروازو کوليو ته ماڻهن اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. ان دوران ڀاڄ پئجي وئي ۽ ماڻهو لتاڙجي فوت ۽ زخمي ٿيا پوليس فيڪٽري مئنيجر سڙو گرفتار ڪيل 8 ڄڻن کي جسماني رمانڊ لاءِ عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 01

وڃي، احتجاج ڪيو ۽ اظهار ڪيو. هن ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي مخاطب ٿيندي چيو ته هن چيو ته سنڌ جي مظلوم عوام کي پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت غربت مفلسي جي چڪي ۾ ايترو پيسي ڇڏيو آهي جو هاڻي مفت ۾ اٽي تقسيم ڪرڻ تي سنڌ جو عوام فوت ٿي رهيو آهي. جنهن جو عالمي سطح تي نه صرف نوٽيس ورتو وڃي پر پيپلز پارٽي جي نااهل صوبائي حڪومت ۽ اتحادي وفاقي حڪومت جي ڪارنامن جو عدالتي نوٽيس ورتو وڃي، مهانگائي جي طوفان عوام کي ايترو پريشان ڪري ڇڏيو آهي جو هاڻي غربت مفلسي ۾ لاچار سنڌ جو عوام اٽي جي لپ لاءِ پريشان آهي، ماني جي ڳيپي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ٿو، جنهن جو ٿورو به احساس حڪمرانن کي ٿئي ته هو پنهنجي وزارتن ۽ عهدن تان استعيفائون ڏيئي عوام جي آڏو پاڻ کي پيش ڪن پر حڪمرانن کي صرف اقتدار جي حوس جي لالچ آهي جيڪي غريب مري وڃي ٿو يا بڏي وڃي ٿو ان سان هنن جو ڪو به تعلق ڪونهي، سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي بنا ڪنهن جواز گرفتار ڪري گم ڪيو وڃي ٿو، سنڌ جا هزارين ڪارڪن گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ قيد ڪيا ويا آهن، ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي تي پوليس پوٽارن جي ونگار ۾ دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪرايو جنهن ۾ عدالت دهشتگردي جا قلم رد ڪري ڇڏيا پر پوٽارن اجان تائين هڪ اسڪول ٽيچر جي نالي سان ڪيس کي برقرار رکايو آهي، قومي ڪارڪن کي پنهنجي مظلوم سنڌي عوام جي حقن جي لاءِ آواز اٿارڻ تي انتقامي سياسي ڪاروائي جو نشانو بڻايو پيو وڃي، پيپلز پارٽي جي ٽنڊو محمد خان سميت سنڌ جي اندر ڪيل ناانصافين کي هاڻي برداشت نه ڪيو ويندو، سنڌ جي قومي ڪارڪنن تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن، گرفتار ڪيل قومي ڪارڪن آزاد ڪيا وڃن، جيئي سنڌ محاذ سنڌ جي حقن لاءِ ڪراچي کان ڪشمور تائين جيڪا جدوجهد شروع ڪئي آهي اهو ضرور پنهنجي منزل ماڻيندي، انهي موقعي تي جيئي سنڌ محاذ جو مرڪزي اڳواڻ پنهل جمالي، تازو جيل مان ضمانت تي آزاد ٿيل جيئي سنڌ محاذ جو ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا، جنهن ڪانپوءِ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي چيئرمين رياض چانڊيو ٽنڊو محمد خان ۾ پارٽي جي ورڪرس اجلاس ۾ ڪارڪنن کي سائين جي ايم سيد جي ڏنل نظريي تحت آخري پساهه تائين جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورتو.

بقايا — سنڌيار — 02

نارو ۾ 54 خريداري مرڪز قائم ڪرڻ ۽ 15 لک ٻورين جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته خيرپور خوراڪ کاتي جي نااهلي سبب خريداري شروع نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته بندش باوجود ڪڻڪ خيرپور ضلعي کان ٻين ضلعن ۽ صوبن ڏانهن منتقل ٿي رهي آهي جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ واپاري سرڪاري اگهه کان وڌيڪ اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪن ٿا جنهن ڪري ڪڻڪ جي خريداري جو ٽارگيٽ اڌ جيترو به نه ٿيڻ جو خدشو ڏيکاريو پيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 03

شاهه صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين کي نوٽيس وٺي مٽين ڳوٺن جا آراو پلانٽ جلد هلايا وڃ ته ڪورواهه شهر سميت مٽين ڳوٺن جا ماڻهو بيمارين کان بچي سگهن ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته آرو پلانٽ تي چوويهه ڪلاڪ ڊيوٽي ڪندڙ ملازمن کي هن مهنگائي ۾ ماهوار صرف ساڍا ٻارنهن هزار روپيا مهينو ڏنو پيو وڃي جيڪو به پبلڪ هيلٿ بدين ۽ آرو پلانٽ جي ٺيڪيدار جي نااهلي ۽ ملي ڀڳت جي ڪري گذريل اٺ مهينن کان نٿو ملي جنهن ڪري ملازم فاڪاڪشي ۾ مبتلا آهن

بقايا — سنڌيار — 04

ڪرائي ڇڏيون. آر.ڊي.اي (RDF) هڪ غير سرڪاري ادارو آهي، جيڪو 2002ع کان سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن اداري جو بنيادي مقصد ماڻهن کي تجربن ۽ تحقيق وسيلي پائيدار ترقي وٺرائي، پاڻ پرو ٿيڻ جي سگهه پيدا ڪرڻ آهي ته جيئن، اهي پنهنجا علائقائي مسئلا پاڻ حل ڪري سگهن. آر.ڊي.ايف ان ڏس ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ روزگار جي وسيلن، زراعت، ماحولياتي تبديلي، قدرتي آفتن ۽ تعليم جي ميدان ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن اداري سال 2010ع، 2011ع، 2012ع ۽ 2022ع جي ٻوڏن دوران متاثر ٿيل علائقن ۾، سهڪاري ادارن جي تعاون سان، گهٽ صلاحيتن وارن ۽ ڪمزور ماڻهن جي ڀرپور مدد ڪئي آهي. هي ادارو هن وقت تائين سنڌ جي جن ضلعن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي، انهن ۾ ڄامشورو، دادو، ٺٽو، سانگهڙ، ٽنڊوالهيار، ميرپورخاص، حيدرآباد، ٿرپارڪر، جيڪب آباد، شهيد بينظير آباد، نوشهروفيروز، شڪارپور ۽ ڪنڊڪوٽ ضلعا شامل آهن. مليل ڄاڻ موجب آر.ڊي.ايف پاران ٺٽي، بدين ۽ سجاول ضلعي جي گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ ۽ گورنمينٽ مونو ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ ۾ 850 غريب ۽ بي پهچ شاگردن ۽ شاگردياڻن کي مختلف 6 ڇهن مهينن جي فني ۽ هنري ٽيلرنگ، بيوٽيشن، آٽو ميڪينڪ، موبائل ريپئر، سي آئي ٽي، ويب ڊزائننگ، ميسن ۽ ٽائل فڪس، مشينسٽ ۽ ڊرائيونگ جي ڪورسن ۾ سکيا جي لاءِ داخل ڪرائي ڇڏيو. هن منصوبي تحت آر ڊي ايف سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي (STEVTA) سان هڪ معاهدي تحت ٺٽي، سجاول، بدين ۽ ڄامشوري ۾ هڪ جرمن تنظيم Welthungerhilfe Deutsche سان گڏ "نوجوانن جي معاشي خودانحصاريءَ کي هٿي ڏيڻ ۽ سنڌن سماجي اقتصادي صلاحيتن کي سگهارو ڪرڻ" جي عنوان هيٺ هڪ مهارتن ۾ واڌ جي رٿا هلائي رهيو آهي. جاٽايل جرمن ادارو Welthungerhilfe Deutsche پاڪستان ۾ معاشي طور ڪمزور ماڻهن جي خوراڪ جي تحفظ (Food Security) ۽ جياپي (Livelihood) کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. پاڪستان ۾ هنيءَ رٿا جرمنيءَ جي اقتصادي سهڪار ۽ ترقيءَ واري وفاقي وزارت (BMZ) جي مالي سهڪار سان هلي رهي آهي. هن رٿا جو مقصد 18 سالن 29 سالن جي عمر جي نوجوانن کي روزگار لاءِ گهربل مهارتن ۾ واڌ جي سکيا ڏيڻ آهي ته جيئن اهي هڪ پاڻ ڀري زندگي گذاري سگهن ۽ پنهنجن ڪٽنبن جي مدد ڪري سگهن. هن رٿا ۾، علائقي جي 1333 نوجوانن کي اعليٰ معيار جي تعليم (ٽيڪنيڪل، واپاري انتظام) بزنس مينيجمينٽ (۽ عملي زندگي) سکيا ۽ قابليت (حڪومتي سطح تي مڃيل ادارن) تائين پهچ حاصل آهي. ڳڏوڳڏ مالي، ڪاروباري ۽ منڊيءَ (مارڪيٽ) سان لاڳاپيل معاملن ۾ مدد ڪئي ويندي ته جيئن روزگار يا روزگار سان لاڳاپيل سرگرمين ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ ۾ واڌ ڪري سگهجي. جاٽايل هدف وارن علائقن ۾ سرڪاري ۽ نجي شعبي جي تربيتي ادارن ۽ تربيتي خدمتون پيش ڪندڙن ۾ STEVTA شامل آهن

بقايا — سنڌيار — 05

حد ماڊل وليج بلاڪ 11 ۾ نامعلوم هٿيارٻندن فائرنگ ڪري پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالحفيظ چانڊيو جي ننڍي پاءِ کي گولين هڻي قتل ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا واقعي جو اطلاع ملڻ بعد گلستان جوهر ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن بعد مقتول جا وارث سجاد علي چانڊيو جو لاش قمبر پرسان ڳوٺ ڊرگهه سومر خان چانڊيو کڻائي ويا هوڏانهن آخري اطلاعن تائين قتل واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي هوڏانهن سجاد علي چانڊيو جي قتل ٿيڻ واري واقعي تي پ پ يوٿ شهيد ڀٽو جي اڳواڻن محمد علي ميرجت صلاح الدين چاچڙ ڊاڪٽر رئوف مغيري سليم راجپوت فقير اسماعيل سومرو نظير لاشاري ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي اندر ٽارگيٽ ڪلنگ جا واقعا دفعو ٻيهر تيزي سان وڌي ويا آهن هر روز بيگناهه ماڻهن جو رت وهايو پيو وڃي مگر حڪمران خاموش تماشائي بڻيل آهن پوليس امن و امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي هنن آءِ جي سنڌ کان گهر ڪئي آهي ته مقتول سجاد علي چانڊيو جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 06

ڊاڪٽر انور پرديسي جو سنڌي ادبي سنگت شاخ راڻيپور طرفان ڪوٺايل مشاعري کي خطاب رپورٽ موجب سنڌي ادبي سنگت شاخ راڻيپور طرفان سنڌ پريس ڪلب تي مشاعري جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت ضلعي خير پور رابطه سيڪريٽري پروفيسر ڊاڪٽر انور پرديسي ڪئي مشاعري ۾ شاعرن پنهنجون خوبصورت تخليقون پيش ڪيون جن ۾ ڊاڪٽر انور پرديسي غزل، عاجز غلام رسول ابڙو غزل، ياسر ٻوڏ دار وائي، تنهاسخاوت شيخ غزل، عبد نوناري نظم، استاد غلام علي عامر غزل، سيد پياس علي شاهه شعر، لالڻ چني نظم ترنم ۾ ڳائي خوب داد وصول ڪيو مشاعري اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض گلڻ جامڙي سر انجام ڏنا ان موقعي تي صحافي اعجاز ملڪ، وحيد جامڙو، سيد پياس علي شاهه مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ شاعرن کي اجرڪن ۽ ٽوپين جا تحفا ڏنا.

بقايا — سنڌيار — 07

لڳ ڳوٺ وسطڙا ۾ 3 سال اڳ وحشي جوابدار هٿان ڏاڍائي جو شڪار ٿيل 10 سالن جي نينگري رخسار وسطڙو جي چاچي اڪرام علي وسطڙو احمدپور ۾ سخت احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي ڀائٽي سان 3 سال اڳ ڳوٺ جي وحشي جوابدار وزير وسطڙو سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ڪيس ڏاڍائي ڪئي هئي جنهن مٿان ڪيس داخل ڪرايو ويو هو جنهن ڪيس جي جاچ آفيسر گلزار احمد لاشاري جوابدار ڌر جي ماڻهن کان 5 لک روپيا رشوت وٺي ڪوڙو مشير نامو لکي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان ڪيس کي ختم يا ڪوڙو ڪرائڻ لاءِ اڳوٽي ايس ايڇ او احمدپور هاشم هڪڙو به جوابدار ڌر کان ڳري رشوت ورتي آهي جڏهن ته اسان کان جيڪو مشير نامو لکي صحيحون ورتيون ويون هيون اهو ڪورٽ ۾ پيش ٿي نه ڪيو ويو آهي جنهن ۾ نينگريءَ سان زيادتي ڪرڻ واري واقعي جو سمورو تفصيل جاٽايل هئو پر لکين روپين جي رشوت وٺڻ بعد نياڻي جو ڪيس ڪوڙو يا ختم ڪرائڻ لاءِ اسان مٿان دٻاءُ وجهي اڇي پني تي صحيحون ڪرايون ته نينگريءَ جي تشدد جو الڳ مشيرنامو لکيو ويندو پر جاٽايل پوليس آفيسرن وڏي زيادتي ڪئي آهي ان موقعي تي هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 08

ٿيندي چيو ته سنڌي ادب ۾ تاريخ جو عظيم خزانو آهي جنهن دنيا جي ترقي يافته ملڪن کي به اچرج ۾ آڻي ڇڏيو آهي، موهن جي دڙي جي تاريخ، هڙاپا جي تاريخي آثار، دادو ڪشمور، ڪيٽي بندر جي جبلن جو وڏو اڻ لپ تاريخ جو حصو ادب ۾ سمايل آهي جنهن ۾ سنڌ جي سورمين جي قربانين کي به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي، شاهه لطيف پنهنجي سرن ۾ سورمين کي مڃتا طور سرن ۾ تاريخ جو ورق بڻايو آهي، اڄوڪي هن سرهي سانجهه جي صدارت ڪرڻ سندس لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي، علم و ادب اڪيڊمي پاران ايڏي وڏي تعداد ۾ سورمي سٽ جي عورت پيڻرن ۽ مرد پائرن کي گڏ ڪري سندن پذيرائي ڪرڻ سندن وڏ ماڻهپي جي نشاني آهي سڀ کان وڏي ڳالهه ته پيرس فرانس جي ٻن ڀينرن مس مريم نقوي ۽ مس ڪومل نقوي جي هن تقريب ۾ شرڪت سان اها به خبر پوي ٿي ته علم وادب اڪيڊمي جون پرخلوص ادبي علمي ادبي خدمتون هاڻي هن ملڪ جي سرحدن کان هٽي يورپ جي ملڪ فرانس ۾ به گونجڻ لڳيون آهن، تقريب کي فرانس کان کهي آيل سماجي اڳواڻ مريم نقوي ۽ ڪومل نقوي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جا ماڻهو مهمان نواز آهن اسان هتي جيڪو علم ادب ۽ سماجي خدمتن تحت جيڪو به ڪجهه سکيو آهي ان کي فرانس ۾ ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪنداسين، سنڌ امن جي ڌرتي آهي محبتون ئي محبتون مليون آهن جنهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي، تقريب کي علم وادب اڪيڊمي جي اڳواڻ سيد فتح شاهه شمسي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌي ادب کي پوري دنيا ۾ مڃتا ۽ مان مليل آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ جو هزارين سال جو تسلسل ان ۾ سمايل آهي، علم و ادب اڪيڊمي سنڌ جي سورمين ۽ ساجاهه وند اڳواڻن کي اعزاز طور شيلڊ ڏنا آهن، تقريب کي سورمي سٽ جي چيئرمين سماجي اڳواڻ مارئي عابده سمون، آپا ڪذب بانو سومرو، سوڍي ڪولهي، صدف ڪيريو، علم و ادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر نثار احمد ناز، حنا زهره، شاعره ليڪڪا قمرالنساء ٽالپر، نجمه انصار، رضيه ميمڻ، تاريخدان حڪيم يوسف ڪتري، جمن جانب سومرو، تعليمي ماهر غلام نبي ڪيريو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته علم ۽ ادب جي ڪا به سرحد نه هوندي آهي محبتون پيار ورهائڻ ئي ملڪ ۾ امن ڀائيچارو ڦهلائڻ جو وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي، تقريب ۾ علم وادب جي خدمتن عيوض سورمي سٽ سنڌ پاران جهوني شاعر نثار احمد ناز، مارئي عابده سمون، تعليمي ماهر غلام نبي ڪيريو، تعليمدان ڪذب بانو سومرو، فرانس کان آيل مريم نقوي، ڪومل نقوي، فوٽو گرافر حميد عمراڻي ۽ ٻين کي سندن بهترين ڪارڪردگين عيوض مڃتا سرٽفڪيٽن سان پڻ نوازيو ويو.

بقايا — سنڌيار — 09

سگهيو روڊ ۽ رستا به ٽٽل گٽرن جو پاڻي امام بارگاهه آڏو بيهڻ سان نمازي پريشان رات جو مڇرن به عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو مختلف بيمارين جو پڻ جنم 21 رمضان شريف جي آمد شهادت مولا علي جي ڏڻ جي حوالي سان صفائي سترائي تي نه سگهي امام بارگاهه جي متولي جو هائيوي روڊ تي ڌرڻي جو اعلان آهڙن خيالن جو اظهار العباس امام بارگاهه جي متولي بهادر علي کوکر-صدر انجمن العباس عباس علي حيدري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته العباس امام بارگاهه آڏو گٽرن جو پاڻي اٿلي پيو آهي هندان هندان روڊ ٽٽڻ سبب امام بارگاهه ڏانهن ايندڙ نمازين کي سخت مشڪلات سان منهن ڏيڻو ٿو پوي انهن وڌيڪ چيو ته العباس امام بارگاهه کان 21 رمضان تي شهادت مولاعلي عليه اسلام جي نسبت سان جلوس ڪڍيو ويندو پر افسوس اسان جي علائقي ۾ صفائي سترائي نه هئڻ ڪري پريشاني جو شڪار آهيون انهن وزيربلديات سيد ناصر حسين شاهه - سلطان بليدي - ۽ لالا رحيم کان مطالبو ڪيو ته وزير ڳوٺ ۾ جلد ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 10

ميرواهه گورچاڻي ۾ ڪجهه ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي صحافي سڏرائن ٿا جن ۾ خوشحال داس ميگهواڙ، مير مظفر نوحاڻي ۽ فراز گورچاڻي شامل آهن جن مون کان پنجاهه هزار ڀتو طلب ڪيو هو ۽ نه ڏيڻ جي صورت ۾ موت مار ڌمڪيون ڏنيون آهن جنهن سبب آئون ۽ منهنجي فيملي سخت اذيت جو شڪار بڻيل آهيون. جنهن تي ميرپورخاص جي عدالت جج پاران ايس ايڇ او ميرواهه گورچاڻي کان جواب طلب ڪيو ويو هو جنهن بعد ايس ايڇ او ميرواهه گورچاڻي عدالت کي جواب جمع ڪرايو جنهن تي معزز عدالت ٻنهي ڌرين کي طلب ڪيو جنهن بعد عدالت پاران صحافي سڏائيندڙن خلاف ايس ايڇ او ميرواهه گورچاڻي کي ايف آئي آر درج ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. جنهن تي ايس ايڇ او ميرواهه گورچاڻي ٽنهي جوابدارن خوشحال داس ميگهواڙ، مير مظفر نوحاڻي ۽ فراز گورچاڻي خلاف ايف آئي آر درج ڪري ڇڏي، مگر ٽنهي جوابدارن جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي، ٻي پاسي ٽنهي جوابدارن خوشحال داس ميگهواڙ، مير مظفر نوحاڻي ۽ فراز گورچاڻي پاران اڄ ميرپورخاص جي عدالت ۾ ڪچي ضمانت منظور ڪرائي ورتي.

بقايا — سنڌيار — 11

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو انچارج پنهنجي عملي سميت عورتن کان پيسا وصول ڪري سروي ڪري رهيو آهي جڏهن ته مسڪين ۽ رٽايرڊ فوجي ۽ شهيد فوجين جي وارثن کي پڻ نظرانداز ڪيو وڃي ٿو احتجاج ڪندڙ متاثر ماڻهن وڌيڪ چيو ته مقرر ڪيل آفيس عملو رشوت عيوض من پسند ماڻهن جي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ سروي ڪري رهيا آهن جڏهن ته پيسن کان بغير ڪا به سروي نٿي ڪيي وڃي آفيس ۾ ايندڙ سوين جي تعداد ۾ عورتون روزي سان سڄو ڏينهن آفيس ۾ بيهي بيهي روزانو خالي واپس هليون وڃن ٿيون. جڏهن ته يونين ڪايونسل قل جي واري اچڻ تي انهن عورتن جي ڪارڊن جي سروي نٿي ڪيي وڃي اعليٰ آفيسرن کي گهرجي ته راشي انچارج سميت ڪرپٽ عملي کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪري غريبن کي انصاف ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ آفيس اڳيان سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 12

۾ انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان اهم اجلاس درگاهه پرسان محفل سماع هال ۾ چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر شرجيل نور چنا جي صدارت هيٺ ٿيو، اجلاس ۾ چادر چاڙهڻ جي رسم واري تقريب، محفل سماع، ايوارڊ تقريب، سگهڙ ۽ ادبي ڪانفرنس سميت ملاکڙي ۽ ٻين انتظامن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ درگاهه جي سجاده نشين جي پاءِ خواجا نظرالحق فاروقي، ايس ايس پي مير روحل خان کوسو، سيڪريٽري يادگار ڪاميٽي اديب مختيار ملڪ، لال بخش منگي، خان محمد، نانڪ رام، اڪبر شاهاڻي، حبدرار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح، اٿن ئي تعلقن جي اي سيز سميت ٻين لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن جي آفيسرن توڙي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر شرجيل نور چنا چيو ته سچل سرمست جو پيغام امن، محبت، ڀائپي، برداشت ۽ انسانيت جو پيغام آهي جنهن جي روشني ۾ اسان سڀنين کي هن صوفي بزرگ جي فلسفي کي ڦهلائڻ ۾ ور سطح تي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ايس ايس پي مير روحل خان کوسو چيو ته حضرت سچل سرمست رحه جو عرس مبارڪ سندن ياد لاءِ آهي ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ پوليس پاران فل پروف انتظام ڪيا ويندا، پارڪنگ سميت ٻين اپائن تي عملدرآمد ڪيو ويندو جڏهن ته عرس مبارڪ جي موقعي تي 1000 هزار پوليس آفيسر سميت اهلڪار ڊيوٽيون ڪندا جڏهن ته سي سي ٽي وي ڪيمرائن تحت پڻ نگراني ڪئي ويندي. اجلاس ۾ گڏيل طور فيصلو ڪيو ويو ته هن سال به حضرت سچل سرمست رحه جو ساليانو 202 هون عرس مبارڪ ڀرپور نموني سان ملهايو ويندو، سيڪيورٽي جي فول پروف انتظام ڪيا ويندا، پانڌيئڙن لاءِ سمرويون سهولتون فراهم ڪيون وينديون، سي سي ٽي وي ڪيمرائون فعال رکڻ، پوليس پڪٽون، صفائي سترائي، پيئڻ جي پاڻي، مسافر خاني ۾ سهولتون، پانڌيئڙن لاءِ ڊسپنسريون، ميڊيڪل ڪئمپ، سگهڙ، ادبي، ڪانفرنس، مشاعري، نمائش سميت ٻين پروگرام جو تفصيل سان جائزو وٺي بهتر کان بهتر انتظام ڪرڻ تي زور ڀريو ويو، صحافي خان محمد، اڪبر شاهاڻي، نانڪ رام اجلاس دوران سگهڙن، شاعرن، صحافي ايوارڊ، درگاهه جي برسان پارڪ کي بحال ڪرڻ سميت ٻين اپائن تي تفصيل سان تجويزون، سفارشون ۽ مشورا ڏنا. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر شرجيل نور چنا، ايس ايس پي مير روحل خان کوسو ۽ ٻين سي سي ٽي وي ڪنٽرول روم جو جائزو ورتو.

بقايا — سنڌيار — 13

ڪري ڌرڻو هنيوان موقعي تي مظاهرين ڏانهيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ دادو شهر ۾ جوابدارن رضا محمد کوسو،ضمير عرف دلاور کوسو، دادن کوسو ۽ ٻين موبائيل ٽاور مان بجلي ڪٽڻ تان محمد قاسم کوسو کي گولين هڻي قتل ڪيو آهي، واقعي جو ڪيس دادو اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي پر پوليس جوابدار گرفتار نه پئي ڪري، پهريان به مخالفن هڪ نوجوان کي قتل ڪري هڪ جهٽي کي اکين کان انڌو ڪيو هو،جوابدار بااثر آهن جيڪي هر روز اسان غريب تي تشدد ڪن ٿا، ڪيس تان هٽ ڪٽڻ لاءِ گهرن ۾ گهڙي ڌمڪائين پيا،هنن ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور جوابدار گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 14

اسڪول عبدالشڪور کوسو ۾ چمڙي جي بيماري ڦهيلجي وئي 50 کان وڌيڪ ٻارڙا ۽ وڏا خارش جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا جنهن ڪانپوءِ ڳوٺاڻن ڊي ايڇ او بدين شير محمد نهڙيو کي اهڙي درخواست ڏني، درخواست تي فوري عمل ڪندي ڊي ايڇ او بدين ميڊيڪل عملو، دوائون سميت موڪليو ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو ۽ سنڌس ٽيم متاثر شاگردن جو معائنو ڪيو ۽ دوائون ڏنيون، جنهن کان پوءِ ڊاڪٽرن متاثر ٿيل شاگردن ۽ سنڌس گهر وارن ڳوٺاڻن کي بيماري بابت ٻڌايو. ۽ بچاءُ صفائي سترائي رکڻ بابت آگاهي ڏني، انهي موقعي تي ڳوٺاڻن چاچا عبدالشڪور کوسو، عبدالغني کوسو، استاد رحيم بخش چنا، عبدالعزيز ٽالپر ۽ ٻين ڊي ايڇ او بدين جي ترت قدم کڻڻ کي ساراهيو

بقايا — سنڌيار — 15

بري ڪري ڇڏيو ياد رهي ته حيدرآباد شهر جي ٻٽراج ڪالوني واسي زاهد مشتاق مغل کي 6 مهينا اڳ سادن ڪپڙن ۾ ملبوس سيڪيورٽي اهلڪار ڪنهي کڻي ويا هئا وارثن پاران ڏس پتو نه پوڻ تي مقامي عدالت ۾ سندس جي بازيابي لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي هئي عدالتي حڪم کان پوءِ ڪوٽڙي پوليس زاهد مشتاق مغل کي ظاهر ڪري بارودي مواد رکڻ جو ڪيس داخل ڪيو هو پر عدالت ۾ اهڙو ڪيس ثابت نه ٿيڻ تي ڪين باعزت بري ڪري ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 16

ڪوسو' محمد يوسف راهوجو سميت شهري پڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي سيتاسرجٽهارفورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين چيو ته ريلوي جي تعصب پرست انتظاميا پنجاب ۾ وڪ وڪ تي عاليشان ٽرينون هلائي رهي آهي جنهن جو تازو مثال پنجاب جي عوام کي قلندر جو ميلو گهمائڻ لاءِ لاڙڪاڻي دادو ٽريڪ تان اسپيشل ٽرينون هلائي سيوهڻ آندو ويو جڏهن ته سنڌ ۾ ٻوڏ جو بهانو ڪري 8 مهينن کان روهڙي لاڙڪاڻي دادو ڪوٽڙي ٽريڪ جون سڀ ٽرينون بند ڪري ڇڏيون آهن 8 مهينن کان ٽرينون بند هجڻ باوجود سنڌ جا سوين چونڊيل سينيٽر قومي ۽ سنڌ اسيمبلي جا ميمبر اگهور ننڊ پيا آهن انهن سينيٽ'قومي اسيمبلي يا سنڌ اسيمبلي ۾ ٽرينون بحال ڪرائڻ لاءِ هڪ لفظ به ناهي ڳالهايو اڳواڻن چيو ته لاڙڪاڻو ذوالفقار ڀٽي بينظير ڀٽي جو شهر آهي ان باوجود لاڙڪاڻي جون سڀ ٽرينون بند آهن ساڍا پنج هزار سال قديم تهذيب موئن جو دڙو به هن ٽريڪ تي آهي دادو شوگر مل' قلندر لعل شهباز جي درگاهه به هن ٽريڪ تي آهن ڄامشوري حيدرآباد ڪراچي جون يونيورسٽيون ۽ ڪاليج وڏيون صنعتون ۽ وڏا صحت مرڪز به هن ٽريڪ تي آهن ٽرينون بند هجڻ ڪري ڪروڙين غريب عوام کان سستي ۽ محفوظ سفري سهولت کسي وئي آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيستائين روهڙي لاڙڪاڻو دادو سيوهڻ ڄامشورو ڪوٽڙي ٽريڪ تي ٽرينون نه هلايون وينديون تيستائين احتجاج جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 17

ناٿن شاهه ۾ ون فاءِ انچارج صلاح الدين چانڊيو ۽ سنڌس ٽيم پاران ڪارروائي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ون فاءِ انچارج پنهنجي ٽيم سان گڏ شهر جو گشت ڪري رهيو هيو ته شڪ جي بنياد تي ٻن ڄڻن کي پڪڙي ورتو جنهن جي تلاشي ورتي وئي ته انهن وٽان نشي آور استعمال ٿيندڙ گٽڪا ۽ سوپارين جو ڪارٽون هٿ ڪيو ويو آهي، هٿي پاسي ون فاءِ انچارج ٻڌايو ته ڪاروائي دوران ٻن ڄڻن عرفان گاڏهي ۽ غلام مصطفيٰ پنهور کي نشي آور استعمال ٿيندڙ گٽڪا سوپاري جي ڪارٽون سميت گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي، شهر ۾ نشو ڦهلائڻ ۽ ڏوهه ڪرڻ وارن کي ڪڏهن به بخش نه ڪبو

بقايا — سنڌيار — 18

پڻ ورتي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد سليم جتوئي ۽ ٻين روينيو آفيسرن جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن تي عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ، بچت بازارن ۾ رعايتي اگهن تي شين جي موجودگي کي يقيني بڻائڻ ۽ منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ روزاني جي بنياد تي بچت بازارن ۽ مارڪيٽن جا دورا ڪري رهيا آهيون ته جيئن عوام کي هن پالاري مهيني ۾ وڌ کان وڌ ريليف فراهم ڪري سگهجي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران عوام کي ريليف ڏيڻ لاءِ بچت بازارن قائم ڪرڻ سميت اٽي جي مد ۾ پڻ رقم ڏني پئي وڃي هنن عوام کي اپيل ڪئي ته هو ضلع انتظاميه پاران لڳايل بچت بازارن مان رعايتي اگهن تي شيون خريد ڪن جڏهن ته روينيو آفيسرن پاران سبزي، فروٽ، گوشت، ڪير، ڪريانه سميت مختلف مارڪيٽن جي دوري دوران وڌيڪ قيمتون وٺندڙ 34 دڪاندارن مٿان 17 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري وصول ڪيو هٿي طرف اڄ ٻئي ڏينهن پڻ لائيو اسٽاڪ کاتي جي عملدارن پاران بيورو آف سپلائي جي عملدارن سان گڏجي شهر جي مختلف مارڪيٽن جو دورو ڪري گوشت، کير، سبزين، فروٽ سميت مختلف کاڌي پيتي جي ڪوالٽيءَ قيمتون چيڪ ڪيون ۽ دڪاندارن کي هدايت ڪئي ته ضلع انتظاميه پاران مقرر ڪيل اگهن تي شين جي وڪري کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 19

سينٽر تي 15هين فري ميڊيڪل ڪئمپ عصمت الله ڪنير جي تعاون سان لڳائي وئي، چمڙي جي مختلف بيمارين جي حوالي سان هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپ تي چمڙي جي سرجن ڊاڪٽر سعيد احمد قاضي سوين مريضن کي تپاسي مفت دوائون فراهم ڪيون، انهي حوالي سان عصمت الله ڪنير جو چوڻ هو ته برسات ۽ ٻوڏ بعد رتوديرو تعلقي ۾ چمڙي جي مرض ۾ اضافو ٿي ويو آهي ان ڪري چمڙي جي مرض ۾ مبتلا مريض لاڙڪاڻو، سکر، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ڏانهن علاج لاءِ وڃي رهيا هيا ان ڪري اسان هتي جيلاني ميڊيڪل سينٽر تي مريضن لاءِ مفت ڪئمپ قائم ڪري غريب ماڻهن کي دوائون فراهم ڪيون آهن. ڊاڪٽر سعيد احمد قاضي جو چوڻ هو ته سوين مريضن کي تپاسي دوائون ڏنيون آهن، هاڻ چمڙي جا مريض لاڙڪاڻو، سکر، ڪراچي يا ٻين شهرن ڏانهن ويندڙ مريض پنهنجي شهر رتوديرو مان ئي علاج وٺي سگهن ٿا هر هفتي ٽي ڏينهن سومر، اڱارو ۽ اربع جيلاني ميڊيڪل سينٽر تي اچن آءِ اٿي مريضن جي چڪاس ڪندس.

بقايا — سنڌيار — 20

جو مطالبو ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو ڳوٺ عاچو مگسي جي ڳوٺاڻن سماجي اڳواڻ غلام عباس مگسي، ڏاڏو مگسي، مولا بخش مگسي شمير مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ماتلي پوليس ٿاڻي جي ايس ايڇ او اياز ڀٽي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي ڳوٺاڻن چيو ته ڳوٺ عاچو مسگي جو غريب پورهيت رڪشا هلائيندڙ نوجوان غبدالقيوم مگسي کي ماتلي پوليس رڪشا اسٽاپ تان روزي جي حالت ۾ بيگناهه گرفتار ڪري ڦور جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڪيس گرفتار ڪري مٿان سخت تشدد ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن چيو ته ايس ايڇ او ماتلي اياز ڀٽي کي فوري طور هٽائي بيگناهه گرفتار ڪيل نوجوان عبدالقيوم مگسي کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ مگسي برادري ايس ايس پي بدين جي آفيس آڏو سومر ڏينهن نوجوان جي گرفتاري خلاف احتجاجي ڌرڻو هڻندي

بقايا — سنڌيار — 21

ٽائون بلاڪ چار ۾ ڪار ۾ سوار نامعلوم چور گهر اڳيان بيٺل ٻڪرو چوري ڪري ڪار ۾ وجهي فرار ٿي ويا سچل ٿاڻي جي حد ۾ ٻڪرو چوري ڪرڻ واري سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ وائرل ٿي آهي هوڏانهن سچل ٿاڻي جي حد اندر وڌندڙ بدامني توڙي منشيات جي کلي عام واهپي جو ايس ايس پي اوير زبير نذير شيخ توڙي پوليس اختيارن طرفان ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي جنهن سبب شهري سخت پريشان بڻيل آهن

بقايا — سنڌيار — 22

پ پ اڳواڻن مير احسان خان سندراڻي، مير حمزه خان سندراڻي، ابوذر لکڻ، ۽ ٻين پاران چيف احمد علي ملڪ کي ٽڪيٽ حوالي ڪئي وئي، ان موقعي تي چيف احمد علي ملڪ جو چوڻ هو ته پارٽي پاران اعتماد ڪرڻ تي ٿورائتو آهيان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي اڳتي به عوام کي مايوس نه ڪبو سرحد ۽ پرياسي جي عوام جي ساٿ سان عوام جي خدمت جاري رکي ويندي،

بقايا — سنڌيار — 23

مان اچانڪ رات جو دير سان باهه لڳڻ سبب دڪان ۾ پيل هزارين روپين جون چار سلائي وارين مشينون ڪپڙن جا سوين جوڙا ۽ بيوالا تله سڙي رک ٿي ويو جنهن بعد پوليس طرفان ماتلي مان فائر برگيڊ جي گاڏي گهرائي باهه اجهائي ٻين دڪانن کي سڙڻ کان بچائي ورتو نقصان جو اندازو چار لک روپيا ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته باهه متاثر دڪاندار امداد جا منتظر آهن.

بقايا — سنڌيار — 24

، دليل پيش نه ٿيڻ تي ڪيس جي ٻڌڻي ٿيندي اميد آهي ته ايندڙ تاريخ تي ڪيس جو فيصلو متاثر خاندان جي حق ۾ ٿيندو: ايڊووڪيٽ صمد خاصخيلي خاصخيلي خاندان ۽ ايڊووڪيٽ صمد خاصخيلي پاران پي ڊي پي چيئرمين الطاف شڪور جا ٿورائتا آهيون. سيوهڻ جي ايڊيشنل جج جي عدالت ۾ ثانيا خاصخيلي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جتي خانو نوحاڻي جي وڪيل فيض چانڊيو هڪ ڀيرو ٻيهر تياري نه هجڻ سبب 12 ڏينهن جي مهلت گهري ورتي. فيض چانڊيو چيو ته اڄ مان ڪيس تي حتمي دليل نه ڏئي سگهندو جنهن ۾ معزز عدليه آخري ۽ حتمي موقعو ڏيندي ايندڙ ٻڌڻي لاءِ 12 اپريل 2023 جي تاريخ ڏئي ڇڏي. معزز عدالت جوابدارن جي وڪيل کي ايندڙ پيشي تي دليل پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته جيڪڏهن هو ايندڙ تاريخ تي پنهنجا دليل پيش نه ڪيا ته ڪيس جي ٻڌڻي ٿي ويندي، ثانيا خاصخيلي طرفان مقرر ايڊووڪيٽ صمد خاصخيلي اميد ظاهر ڪئي آهي. انڪشاف ڪيو ته ڪيس جو فيصلو ايندڙ تاريخ تي ڪيو ويندو جيڪو مقتول جي حق ۾ ٿيندو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ صمد خاصخيلي هڪ ڀيرو ٻيهر پاسبان ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي چيئرمين الطاف شڪور جو شڪريو ادا ڪيو، جنهن پهرين ڏينهن کان پنج سال گذرڻ باوجود مقتول ثانيه خاصخيلي جي خاندان جي هر قدم تي نه صرف مدد ڪئي پر هر طرح سان مدد پڻ ڪئي. قانوني معاملن ۾ مدد فراهم ڪئي

بقايا — سنڌيار — 25

اهلڪار لال بخش عرف لالو گوپانگ، پنهل گوپانگ، نبي بخش گوپانگ، عامر گوپانگ سنگاوٽي تڪرار تان اسان جي گهر ۾ هٿيارن سان داخل ٿي ٻٽ هٽي مارڪٽ ڪندي موتمار ڌمڪيون ڏئي ڏيڍ سالا سلمه ڏي پير بخش گوپانگ کي زبرستي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي دانهن تي پاڙي وارن جي پهچڻ تي فرار ٿي ويا، اسان سنڌن خلاف پي ايس بي سيڪشن دادو ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ وياسين پر پوليس اين سي داخل نه ڪئي،هنن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته مخالفن تي ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 26

جا اهلڪار ٻڌائي رهيا هئا چڙهائي ڪري ملازمن کي مارڪٽ بعد اسان جي ٽن سائين آچر چانڊيو اصغر مهر ۽ يامين لنجار کي زبردستي ڪنهي ويا هنن ٻڌايو ته اهلڪارن پيٽرول پمپ جي آفيس توڙي مالڪ عمير شهواڻي جي هاوس تي پڻ چڙهائي ڪئي ۽ ضروري ڪاغذات پڻ ساڻ کڻي ويا آهن جڏهن ته پيٽرول پمپ مالڪ عمير شهواڻي ٻڌايو ته اسان جي زرعي زمين تي احسن ميمڻ سرفراز جمالي مبين ڪورائي ٻين قبضو ڪيو آهي جنهن جو ڪيس ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي اڄ نواب شاهه پوليس معرفت پيٽرول پمپ تي چڙهائي ڪري ڦرلٽ ڪرڻ بعد ٽن ملازمن کي ڪنيو ويو آهي هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد کان واقعي جو نوٽيس وٺي گرفتار ملازمن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي هوڏانهن رابطي تي ڊي ايس پي پريا ٻڌايو ته معاملو زمين جي تڪرار جو آهي ۽ نواب شاهه پوليس ڪارروائي ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 27

تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، جنهن ۾ گولين لڳڻ سبب 35 سالا عزيز الله سولنگي ولد منل سولنگي ۽ 32 سالا ثناءُ الله سولنگي ولد عنايت الله سولنگي سخت زخمي ٿي پيا، زخمين کي ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ٽنڊو محمد خان آندو ويو جتي فوري طبي امداد ڪانپوءِ ٻنهي زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جتي عزيز الله سولنگي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي آهي، جڏهن ته ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته سعيد پور جي بااثر شخص جي ويگو گاڏين ۾ هٿيارٻندن چڙهائي ڪري سڌي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن سبب زمين مان مال لاءِ گاهه ڪندڙ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا.

بقايا — سنڌيار — 28

جي چيئرمين سيد صدرالدين شاهه بخاري پاران سنڌس بيمار نياڻي جي گهر پهچي مالي مدد ڪئي وئي ان موقعي تي ڪينسر ۾ مبتلا نيڱري جي والد الهوڏايو دل صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سيد صدرالدين شاهه بخاري جا ٿورائتا آهيون جنهن اسانجي گهر اچي منهنجي بيمار نياڻي جي مالي مدد ڪئي،هن وڌيڪ چيو ته ضلعي حڪومت کي اپيل آهي مان غريب جي مدد ڪري منهنجي نياڻي زندگيءَ بچائي وڃي، جڏهن ته اسٽيٽس آرگنائيزيشن جي چيئرمين سيد صدرالدين شاهه بخاري جو چوڻ هو ته اسانجي فلاحي تنظيم آهي ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت مسڪينن جي مدد ڪيون پيا وس آڌار ۽ ڪندا رهنداسي، هن وڌيڪ چيو ته تڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ وس وارن کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ غريب نياڻي جي مالي سهائتا ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجو اعلاج ڪرائي قيمتي زندگي بچائي سگهي.

بقايا — سنڌيار — 29

موجب :ـ ڪراچي سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 07 فقيرا ڳوٺ جي مين بازار ۾ پيپلزپارٽي جي چيئرمين چوڌري فاروق زمان. وائيس چيئرمين مير عمران بروهي. لالا عبدالرحيم طرفان ترقياتي ڪم شروع ڪيا ويا آهن يونين مارڪيٽ ڪميٽي جي عهديدارن چيئرمين ڊاڪٽر عبدالعليم ميمڻ صدر عمر شهزاد. عابد حسين ڀٽي، راڻا عبدالحفيظ. علي محمد رند. جعفر مگسي شوڪت خان منان خان سليم شهزاد صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان يونين مارڪيٽ ڪميٽي جا عهديدار ۽ دڪاندار شڪر گذار آهيون يوسي 07 جي چيئرمين وائيس چيئرمين جا ان موقعي تي يوسي چيئرمين وائيس چيئرمين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلزپارٽي هميشه ڪراچي جي پوئتي پيل علائقن جي مالڪي ڪئي آهي ۽ بنيادي مسئلا حل ڪرڻ سميت ترقياتي ڪمن جو جار وڇائي ڪم ڪيا آهن ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته سهراب ڳوٺ جي يوسي ست جي هرهڪ ڳوٺ جا بنيادي مسئلا حل ڪيون جن ماڻهن اسان تي اعتماد ڪيو آهي ۽ ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي انهن جا سيئي بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون پيا

بقايا — سنڌيار — 30

ڊاڪٽر قمرالدين ٻارڻ، سيد فدا حسين شاهه، وڏيرو حاجي ابراهيم بروهي، ڊاڪٽر سعيد حسن، ڊاڪٽر شبير اعوان، محمد ايوب ملاح، يار محمد ملاح، طالب ملاح، سڪندر بروهي، فياض بروهي، محراب ملاح، ياسين ملاح سميت ملاح برادري سان گڏ مڪلي جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جن کي ڊاڪٽر سڪندر ملاح، سنڌس فرزندن محراب ملاح ۽ ياسين ملاح پاران روزو کولرائي افطاري ڪرائي وئي. ان موقعي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته هي برڪتن وارو ڀلارو مهينو رمضان شريف جو آهي، مسلمانن کي گهرجي ته هو رمضان شريف جي ڀلاري مهيني جو احترام ڪري سمورا روزا رکي 5 وقت نماز جي ادائگي ڪري پنهنجي ذڪوات فطريو ادا ڪرڻ سان گڏ هڪ الله ۽ ان جي رسول صلعم جي ڏسيل وات تي هلڻ گهرجي، جيڪو ئي اسان جي نجات جو واحد ذريعو آهي

بقايا — سنڌيار — 31

بري ڪري ڇڏيو ياد رهي ته حيدرآباد شهر جي ٻٽراج ڪالوني واسي زاهد مشتاق مغل کي 6 مهينا اڳ سادن ڪپڙن ۾ ملبوس سيڪيورٽي اهلڪار ڪنهي کڻي ويا هئا وارثن پاران ڏس پتو نه پوڻ تي مقامي عدالت ۾ سندس جي بازيابي لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي هئي عدالتي حڪم کان پوءِ ڪوٽڙي پوليس زاهد مشتاق مغل کي ظاهر ڪري بارودي مواد رکڻ جو ڪيس داخل ڪيو هو پر عدالت ۾ اهڙو ڪيس ثابت نه ٿيڻ تي ڪين باعزت بري ڪري ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 32

اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار ۽ ڪرپشن لاءِ سنڌ جو هر سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. 18هين ترميم تان هٿ ڪڻي وسيلا وفاق کي ڏئي ڇڏيا، سنڌ جا هيٺ سنڌ جي ملڪيت آهن، انهن تي قبضو برداشت نه ڪيو ويندو. وفاق پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي نه ڪري، سنڌ جو سمنڊ ايشيا جو گيٽ وي آهي، عالمي سامراجي طاقتون هن خطي تي قبضي لاءِ سنڌ ۽ پاڪستان کي ٽوڙڻ جي سازش ڪري رهيون آهن،سنڌ جو عوام پنهنجي سمنڊ ۽ ٻيٽن تي قبضي جي سازش برداشت نه ڪندو ۽ نئون اسرائيل بنجڻ نه ڏينداسين. اياز لطيف پليجي چيو ته وفاقي حڪومت سمجهي ٿي ته سنڌ جو ڪو به ڌڻي سائين ڪونهي. سنڌي ماڻهو ڪچندا ڪون. سنڌ ڪرپشن ڪندڙ حڪمرانن جي ڪونهي سنڌ وڏيرن ڪرپٽ وزيرن جاگيردارن جي ڪونهي سنڌ بکين مسڪينن غريبن هارين مزدورن جي آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ اسان جي هزارين سالن جي سر زمين آهي ڪراچي جا ساموندي ٻيٽ ڏچا پر سنڌ جو هڪ به انچ وفاق جي حوالي ڪرڻ نه ڏينداسين سنڌ جو عوام متحد ۽ منظم ٿي چڪو آهي سنڌي پنهنجي ڌرتي کي بچائڻ لاءِ مزاحمت ڪندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ پ حڪومت آهي جيڪا مسلسل پندرهن سالن کان وٺي اقتدار ۾ رهندي پئي اچي هنن جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي. پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سدائين سنڌ جي حقن تي سوديبازي ڪئي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته زرداري مافيا ۽ پيپلزپارٽي غريب عوام کي غلام سمجهن ٿا. جمهوريت جا ڪوڙا نعرا هڻندڙ حڪمران اصل ۾ ڊڪٽيٽر، ظالم ۽ عوام دشمن پاليسيون رکندڙ آهن صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوريت جو ڪوڙو ڍونگ ڪن ٿا هنن جا هاٿي وانگر ڏند ڏيکارڻ وارا هڪڙا ۽ کائڻ وارا ٻيا آهن هنن عوام کان 2 وقت جي ماني ڦري ورتي ڪرپٽ حڪمرانن وٽ غريب عوام لاءِ ڪو احساس ناهي اقتدار هنن جو ڪاروبار آهي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري اربين روپيا ڪمائي عوام کي بدحال ڪن ٿا اياز لطيف پليجي چيو ته آصف زرداري ايم ڪيو ايم سان ٻيهر اقتدار لاءِ معاهدو ڪري ڪوڙي آدمشماري ڪري سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ ڪرائي رهيو آهي. ڊجيٽل آدمشماري سنڌ آهي. سنڌ تي تمام وڏو حملو آهي. دهشتگردن کي ٻيهر طاقتور بنائڻ واري ڊجيٽل آدمشماري کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو پرامن جدوجهد ذريعي سنڌ دشمن سازش کي ناڪام بڻائينداسين. اياز لطيف پليجي چيو ته آدمشماري عملي کي مليل ڊوائيزون 70 سيڪڙو خراب آهن عملي کي ڪا به سيڪيورٽي ناهي. ڪراچي سميت وڏن شهرن ۾ من پسند. عملو مقرر ڪري سنڌ دشمن نتيجا حاصل ڪيا ويندا. اجلاس ۾ مظهر راهوجو، روشن ڪنراڻي،الطاف خاصخيلي، اڍي زينت سمون نصرت خاصخيلي، اشرف پليجو شوڪت ٽنيو، ڊاڪٽر گلزار جماڻي ايڊووڪيٽ منور جتوئي شبير پٽي، شوڪت سريوال انور نوحاڻي دانش پرمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 33

رهندي ۽ سڄي قوم وڪيلن جي تحريڪ ۾ ساٿ گڏ هوندي، قومي ادارا ۽ انهن جي مضبوطي پي ٽي آءِ جي پهرين ترجيح آهي، عمران خان واضح پيغام ڏنو آهي ته سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهائينداسين جيڪي ان سازش خلاف بيهڻ لاءِ تيار آهن اهڙو اظهار هن جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو آهي صفيا بلوچ وڌيڪ چيو آهي ته حڪومت جي ناقص پاليسين سبب ملڪ ۾ هفتيوار مهانگائي جي شرح 47.28 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، هڪ هفتي ۾ بيدا، ڪند، اٽو، چانهه جي پتي سميت 23 شيون مهانگيون ٿي ويون، اٽي ۽ راشن جي ورچ دوران غريبن جو جاني نقصان حڪومتي ڪارڪردگي جي منهن تي چماٽ آهي ۽ افسوس جوڳو عمل آهي حڪومت رمضان المبارڪ ۾ به عوام کي پيڪيج نه ڏئي سگهيا آهن، مهانگائي، بيروزگاري، بجلي، گيس جي ڪوٽ، ڪاڌن جي اگهن ۾ واڌ سبب ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن، پر امپورٽ حڪومت کي عوام جي ڪا به پرواهه ناهي، پاڪستان تحريڪ انصاف جو مشن ڪرپشن کان پاڪ نئون پاڪستان جلد ٺهندو ۽ مخالفن کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي شڪست کي منهن ڏيڻو پوندو.

بقايا — سنڌيار — 34

تعليمي اداري ۾ اسڪول جي شاگردن جي موجودگي ۾ رجب راهمون نالي شخص اتي موجود ڪلرڪ نويد عباسي تي حملو ڪري ڏنو جنهن بعد سرن ۽ پٿرن سان اسڪول جي فرنيچر، ڪمپيوٽر ۽ پرنٽر سميت ٻين شين جي ڀڃ ڊاهه پڻ ڪئي جنهن بعد هو شخص اسڪول مان روانو ٿي ويو، اسڪول جي انچارج نديم عباسي ۽ تشدد جو نشانو بڻيل اسڪول ڪلرڪ نويد عباسي بدين پريس ڪلب پهچي ان واقعي جي وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندي چيو ته ملزم رجب راهمون ان کان اڳ به به پيرا اسڪول اندر حملو ڪري چڪو آهي جڏهن ته انهن الزام هڻندي چيو ته مذڪوره شخص منشيات جو پڻ وڪرو ڪندو آهي، انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسڪول جي بقايا جيڪا فيس جي مد آهي اها به نه پيو ڏي ۽ اها بقايا گهرڻ تي هي ان اسڪول اندر اچي حملو ڪيو آهي جڏهن انهن جو اهيو به چوڻ هو ته واقعي جي اين سي به داخل ڪرائي ڇڏي آهي اسڪول انتظاميه مطالبو ڪيو ته ملوث شخص کي فوري گرفتار ڪري اسڪول انتظاميه ۽ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي